# خدا، انسان ۽ ڌرتي

نور احمد ميمڻ

سنڌي ڪمپوزنگ: آفتاب احمد

سنڌ فورم

علمي، فڪري ۽ سڌارڪ آواز

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گهر

WWW.VOICEOFSINDH.NET

editor@voiceofsindh.net

# اسين پنهنجي حصي جو ڪم ڪڏهن شروع ڪنداسين؟

سنڌ جي ويجهڙائيءَ واري صورتحال سڀني وطن دوست ۽ دردمند ماڻهن جي لاءِ ڏکائيندڙ آهي. سنڌ جي معيشت، سنڌ جي تعليم، سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال ۽ اخلاقي قدرن جي لتاڙ، اهي سڀ ڳالهيون صورتحال جي سنگينيءَ جو گهڻ وڃائينديون رهن ٿيون ۽ اسين آهيون جو ڪنن ڪي آڱريون ڏيئي پاڻ کي مطمئن رکڻ جي ڪوشش ڪندا رهون ٿا.

پاڻ کي مطمئن رکڻ جي لاءِ به اسان جا عجيب اڏنگا طريقا آهن. هڪ طريقو هيءَ آهي ته پاڻ ڪجهه نه ڪريون ۽ ٻين جي ڪمن تي ڀرپور تنقيد ڪريون. انهن جي گلاخوري ڪريون، انهن جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهون ۽ تيستائين آرام سان نه ويهون جيستائين ٻي جي ڪم ۾ ڀنڊڻي نه پوي. انهيءَ ڪري جو ٻئي جو ڪم اسان جون پنهنجيون ٻي عمليون وائکيون ٿو ڪري. اهو ٻين جو ڪم ڳائجي ٿو، ڳڻجي ٿو ته اسان جي لاءِ روح جو عذاب بڻجي ٿو پوي. ننڍ ڦٽي ٿي پوي ۽ سيني تي مڱ ٿا ڏرجن. پوءِ بجاءِ انهيءَ جي ته ڪو به پنهنجي حصي جو، پنهنجي ڏانءَ جو ۽ پنهنجي مهارت جو ڪم ڪري اسان به ان مڃتا جا مستحق بڻجون، ان مهانتا جا مهندار ليکجون؛ شروع ٿيون ٿا انهن ڪمن مان ڪيڙا ڪڍڻ، ڪمزوريون بيان ڪرڻ، گلا ڪرڻ، نيتن جا طرف مقرر ڪرڻ، ۽ پوءِ ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ جي آباءَ ۽ اجداد کان شروع ٿي اچي انهيءَ جي ٻارن ٻچن تي توڙ ڪريون ٿا ـــــ حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته هي سڀ ڪم اڻ پڙهيا ۽ اڌ پڙهيا نٿا ڪن، بلڪ سماج جا اصلي معتبر ۽ وڏا اصلي اديب ۽ دانشور، اصلي پروفيسر ۽ مُهان ماڻهو اِهو پريڪٽس وڏي فخر ۽ ڪرڦر سان انجام ڏين ٿا. جهڙا گلائون ڪندڙ تهڙا ٻڌندڙ! حلقي ۾ ڪو به اهڙو ڪو نه ٿو هجي جيڪو ان عمل جي حوصله شڪني ڪري، احتجاج ڪري ۽ ردِ عمل ظاهر ڪري. مروت مريادا واري قوم جو آهيون! هينئر اسان جي سموري مروت ۽ مريادا هتي اچي ڇيهه ڪري بيٺي آهي ته مروت ۾ گلائون ٻڌون، بلڪ سُر سان سُرُ ملايون، ٺهڪ ٻرچايون، ڳالهه کهڙي به هجي ان ۾ مرچ مصالحي جو پاڻ به اضافو ڪريون!

هي سڀ ڪجهه اسان جي اوطاقن ۽ ڊرائنگ رومن جي ڪارگذاري ته آهي ئي آهي پر اسان جا ادارا به هن ريت کان بچيل ڪوهن. اتي ڪو به فضيلت ڀريو مثالي ڪم ٿيڻ جي بجاءِ ساڳي ڀڳت ۽ ساڳي ڪرت جو وهنوار

هلندڙ آهي. اهو عمل مدتن پڇاڻان هلندڙ آهي ۽ هاڻي اسان ان جا ايڏا هيراڪ بڻجي ويا آهيون جو اسين اهڙي ڪنهن به نشست ڪانسواءِ رات جو سڪون سان سمهي نٿا سگهون. هينئر اسان کي گلا گلا نٿي لڳي بلڪ اسان ان کي پنهنجو قومي فرض سمجهي ادا ٿا ڪريون. پاڻ کي اهو دلاسو ڏئي ڪري ته اسان چورن کي واڪون ٿا ڪريون، هوڏانهن اسان جي بزدليءَ جي حالت هيءَ آهي جو اسين سالن کان وٺي ڪنهن به چور کي چور چوڻ لاءِ ان جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهڻ لاءِ اڳتي نه وڌيا آهيون، انڪري جو اسان جو پنهنجو وجود "چور" جو روپ سروپ بڻيل آهي. جيڪڏهن اسان جو ڪنهن مادي چوريءَ تي وس نه پهتو آهي يا موقعو نه مليو آهي ته اسان ڊيوٽيءَ ۽ فرضن جي ادائگي جي چوريءَ مان وسان نه گهٽايو آهي. نتيجي ۾ چوريءَ جو عمل اسان جي ڊائريءَ ۾ "بچڙائي" جو عمل رهيو ئي ڪونهي. اهي ئي سبب آهن جو اسان وٽ چور وڏي بهاريءَ ۾ رهيا آهن. اهي چور هوندي به وڏين مهانتائن جا صاحب آهن. اهي مرندي گهڙيءَ تائين ادارن جا سربراهه، محفلن جا مور ۽ مهمانِ خصوصي بڻيا ويٺا هوندا آهن. ۽ وري اسان ئي اهي آهيون جيڪي انهن کي اهو اعزاز بخشيون ٿا ۽ انهن جي آمد تي تاڙين جي وچت ڪيون ٿا.

گذريل چاليهه پنجاهه سالن کان ائين ٿيندو پيو اچي ۽ مسلسل ٿيندو پيو اچي. هينئر اهو ايترو رواج ۾ اچي ويو آهي ته ڪنهن کي به ڪا محنت ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. ٻه چار ڪهاڻيون لکي، ٻه چار شعر ۽ ٻن چئن ڪتابن جا مهاڳ لکي هن قوم جو رهبر بڻجي سگهي ٿو. ڏسندي ئي ڏسندي مهانتائون هُن جا قدم چُمنديون ۽ مجلسن جون صدارتون ان جي لاءِ بيتاب هونديون.

نتيجو هي وڃي بيٺو آهي ته اسان وٽ نه علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو ڪو عڪس ٿو سامهون اچي، نه مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو اولڙو ٿو نمايان ٿئي، نه شهيد الله بخش جو نائب ٿو نروار ٿئي، نه مولانا دين محمد وفائي جو عملي وارث ٿو جاڳي. ڪو به شعبو ڪونهي جتي اسان عالمي ليول جا مثالي ماڻهو پيش ڪري سگهون، مقامي ليول جا ڪي مثالي ماڻهو پنهنجي نئين نسل جي نقشِ قدم تي هلڻ لاءِ پيش ڪري سگهون.

هڙهي سچ ۽ هڙي رڃ سنڌ اڳ ۾ ڪڏهن ڪانه ڏٺي هئي. هيءَ صورتحال بدلجي ۽ هتي هڪ نئون جهان اڏجي، ان لاءِ اڇو ته فڪرمندي شروع ڪيون. ان لاءِ پهريون ڪم هي ٿئي جو پاڻ کي گلائن جي گپ مان ٻاهر ڪڍي اچون. ڪي به وڏا تير مارڻ جي دعوائن بجاءِ پنهنجي پنهنجي

حصي جو ڪم ورهائي ڪڻون ۽ پوءِ ان کي پوري ايمانداريءَ سان سرانجام ڏيون. اسان جو علم، اسان جا عهدا، اسانجا مرتبا ۽ اسان جو مال اسان وٽ امانت آهي، اسين انهيءَ امانت جي پاسداري ڪريون. پنهنجي ذات ۽ پنهنجي اولاد جي چوڌاري سيڙپي قوم وارن کي بڻايون ۽ سچي انسانيت جو اونو رکون. ماڻهو الله جو عيال آهن، ان عيال سان گهرياتي ٿي رهون. جيڪڏهن واقعي الله تي ايمان ۾ پختا آهيون ۽ ان جو عيال آهيون ته پوءِ هيءَ چنڊاپٽ ۽ هيءَ گلاخوري ڇا جي ڪري آهي.

ڪارڻ اهو آهي ته اسان کي نه ئي مجڻ لاءِ پختو ايمان آهي ۽ نه ئي ڪرڻ لاءِ ڪم جي نيت آهي. ڪم ڪريون ته جيڪر گلائن جو وقت ئي نه ملي. ان ڪري پنهنجي ايمان جي تجديد ڪريون ۽ ان جو عملي مظاهرو پنهنجي حصي جي ڪم ۾ جنبي وڃڻ سان ڪريون.

اسان جا تعليم سان واڳيل ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ جنبي وڃن ۽ پنهنجون سڀ صلاحيتون هن قوم جي نئين نسل جي تياريءَ ۾ ايمانداريءَ سان صرف ڪن ته هتي هڪ وڏو تعليمي انقلاب برپا ٿي پوي. اسان جا ادب سان واڳيل ماڻهو پاڻ ۾ علم ۽ چاڻ جي واقع فضيلت پيدا ڪري هتان جي علمي ۽ ادبي ادارن جي نگرانيءَ جو فريضو سرانجام ڏين ته سچي سنڌ علم ۽ فڪر جي سگنڌ سان مهڪي پوي. اسان جا سماجي ڪارڪن ماڻهن جي سماجي، معاشرتي ۽ اقتصادي زندگيءَ جا حقيقي مددگار ۽ گائيڊ بڻجي پون ته صدين جا سور لهي پون. اسان جا سياسي ورڪر ماڻهن جي مسئلن جي واقعي مسيحائي ڪن ته اڀوجهه انسانن جي اڻ ڳڻين مسئلن مان جان آجي ٿي پوي.

هينئر اسان وٽ بچيو ڇا آهي جنهن کي اجا ڦٻائڻ جي لڄ باقي هجي!؟ جي اها لڄ باقي آهي ته ڪنهن جي لاءِ آهي، انهيءَ اولاد جي لاءِ جنهن کي اسان سنگين حالتن ۾ وڪوڙيل آئيندو عطا ڪري رهيا آهيون. اهڙو آئيندو جنهن ۾ اسان سندن پيٽ پوڄا جا ته سڀ بندوبست ڪري رهيا آهيون، پر سندن عزت ۽ عصمت جي تحفظ جي ڪا ضمانت ڪونهي. ان جي باعزت روزگار جو يقين حاصل ڪري رهيا آهيون پر ان جي جان جي تحفظ جي ڪا ضمانت ڪونهي. پوءِ هي ڪهڙو اطمينان آهي جنهن سان اسين پنهنجي نفس کي مطمئن ڪري رهيا آهيون.

انهيءَ ڪري اچو ته اسين خود فريبيءَ مان نڪري اچون ۽ سنڌ سنوارڻ جو جذبو ڪڻي جيئون. اسان ڪي به وڏا تير مارڻ جون دعوائون ڪرڻ بجاءِ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ايمانداريءَ سان ڪرڻ جي ابتدا

ڪريون ته هي ننڍا ننڍا ڪم ڳڌجي ڪنهن وڏي ٻارڻ ٻاري وجڻ ۾ ڪ
سان مددگار ثابت ٿيندا ۽ پڪ ڄاڻو ته جيستائين هتي ڪو ٻارڻ نه ٻرندو تيستائين نه
اسان جي ايندڙ نسلن جي عزت ۽ عصمت جي تحفظ جي ضمانت آهي ۽ نه
انهن جي جانين جي تحفظ جي.

(جون 2001ع جي سنڌ فورم تان ورتل)

# خدا، انسان ۽ ڌرتي

اسان جو سياسي، سماجي، تعليمي ۽ اخلاقي نظام ڏينهون ڏينهون تباهه ٿيندو پيو وڃي، انهيءَ ڳالهه سان هاڻي ڪنهن کي به اختلاف ڪونهي. ان موضوع تي ڪافي ڪجهه لکيو به ويو آهي. روايتي طور تي ان جا ڪارڻ به ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ان جي حل لاءِ به اوندهه واريون هٿوراڙيون هنيون ويون آهن. نوي جو سچو ڏهاڪو انهيءَ گهوڙا گهوڙا ۾ گذريو آهي پر اصلاح احوال جي بجاءِ ان آڙاهه جا اُلا اڃا تيزيءَ سان پڙڪندا پيا وڃن، جنهن جي ڪناري تي اسان جي قوم جو هڪ حصو سرڪشيءَ سان بيٺو آهي ۽ هڪڙو حصو وائڙن وانگر سنڌي سماج جو سياسي نظام ڊانوانڊول ٿيل آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ هن قوم جي ٻي ڪهڙي بدقسمتي ٿي سگهي ٿي جو هن کي ڪابه پنهنجي مضبوط پارٽي ڪانهي، جيڪا ان جي ڪيس مختلف فورمن تي وڙهي سگهي. اخلاقي نظام جي ابتريءَ جا روزانو ويهه پنجويهه واقعا اخبارن ۾ ڇهن ستن سالن جي معصوم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کان وٺي گهر ۾ ويٺل پرديدار خواتين جي عصمت درين ۽ بي حرمتين جي خبرن جي صورت ۾ اسان جي اکين آڏو گذرن ٿا. اهي اخبارن ۾ آيل واقعا هڪ اولڙو آهن. اصل واقعن جو روزانو تعداد ڏهوڻ کان به وڌيڪ آهي، جيڪو شريف والدين ۽ سرپرست ناموس بچائڻ خاطر ڍَڪ جو ڍَڪ ۾ رهڻ ڏين ٿا.

اهڙي طرح اسان جي تعليمي نظام جي ابتڙي ۽ بڇڙي حالت هينئر راز بنيل ڪونهي. يونيورسٽين تي قابض بدعنوان انتظاميه ۽ چند لوفر شاگردن جي ڪري تعليمي نظام ۾ خلل ۽ تعليم جو ڪِريل معيار ته عالم آشڪار آهي ليڪن اتي اڪثر اکيون بگهڙ بنجڻ ۽ اڪثر ذهن شيطان جو مريد ٿيڻ لاءِ ڪيئن آتا آهن، ان جو هڪڙو سادو نظارو هڪ خط جي مضمون ۾ ڏسي سگهون ٿا، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرديائي سنڌ جي هڪ اديب استاديائيءَ کي لکيو آهي. ان خط پڙهڻ ڪانپوءِ اسان صورتحال جي سنگيني ۽ ان جي اصل ڪارڻ ۽ حل لاءِ ڪي گذارشون ڪنداسون. خط ۾ لکيل آهي:

محترمه امر سنڌو صاحبه!

”مان، توهان کي ڪجهه لکڻ ٿي چاهيان، پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪٿان شروع ڪريان. مان دراصل ٻهراڙيءَ جي هڪ ڳوٺ سان تعلق رکان ٿي. ڳوٺ، جيڪي اڪثر توهان ٽي وي ڊرامن ۾ ڏٺا هوندا. منهنجو پيءُ ماستر آهي ۽ مان ان جي ٽيون نمبر ڌيءَ آهيان، اسان پنج ڀينرون آهيون ۽ اسان کي ڪوئي ڀاءُ ناهي. بابا جيتوڻيڪ ماستر هو پر انهن روايتي ماسترن کان گهڻو مختلف جيڪي رڳو پهرين تاريخ جي پگهار سان دلچسپي رکندا آهن. بابا اعليٰ تعليم يافته نه هئڻ باوجود ايترو شعور ضرور رکندو هو ته پنهنجي نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري. منهنجون مون کان ٻه وڏيون ڀينرون اٺين کانپوءِ وڌيڪ پڙهي نه سگهيون جو باب جي ماستريءَ مان گهر هلائڻ ئي ڏکيو هو، تعليم جا خرچ ڪٿان اچن. پر منهنجي اٺين پاس ڪرڻ کانپوءِ بابا مون کي شهر جي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو جو هاڻ منهنجون ٻئي وڏيون ڀينرون به پرت ۽ ٽوپي جو پورهيو ڪنديون هيون. باباء ڀينرن ۽ امان جي خواهش موجب مون کي ڊاڪٽر ٿيڻو هو پر ان وقت صرف ۽ صرف ليڪچرارن ۽ پروفيسرن جا ٻار ۽ ويجها مائٽ ئي ميڊيڪل لاءِ چوندبا هئا. ميرٽ سندن ذهني قابليت نه پر اعليٰ سماجي رُتبو هو، هو مارڪن خريد ڪرڻ جي سگهه رکندا هئا. پروفيسرن ۽ ليڪچرارن جي انهن ٻارن کي به اسان ميڊيڪل ويندي ڏٺو، جن کي ميڊيڪل لفظ جي اسپيلنگ به نٿي آئي.

امان، بابا ۽ ڀينرن جي خواهش جي بلڪل اُبتڙ مونکي ميڊيڪل ۾ داخلا ڪانه ملي. ان وچ ۾ بابا منهنجي ماستريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي پر اُها به ڪانه ملي ۽ پوءِ مونکي بابا يونيورسٽيءَ موڪليو ۽ ائين مان ڄامشوري پهتيس. مون اخبارن ۾، رسالن ۾ پڙهيو هو ته ”ڄامشورو خوابن جي سرزمين، رومانس جي ڌرتي، ڇڙواڳ هوائون، آزاد فضا ۽ پيو الائي ڇا ڇا؟ شروع شروع ۾ ته مون به ٻين گهڻن جيان ان تي يقين ڪري ورتو، پر جيئن ئي اسان جا ڪلاس ريگيولر ٿيا ته اسانجو سڄو ڏينهن ئي پڙهائي ۾ ويندو هو. سائنس فيڪلٽي جا شاگرد هئاسين سو سڄو ڏينهن Major ۽ Minor ڪلاسن پويان ڊوڙندي لنگهي ويندو هو. پهريون سيمسٽر مس گذريو ته پتو پيو ته ڄامشوري جا اصل رنگ ڪهڙا آهن، هتي ته ڄڻ وک وک تي ڪوڙڪي هئي، وک وک تي شڪاري هئا. وک وک تي مومل هئي، وک وک تي ڪاڪ هئي. سين سان پڇي ٿي پياسين. شاگردن جون بداخلاقيون، تڪيندڙ نگاهون، هوٽنگ جي نالي تي غير اخلاقي ريمارڪس ڏٺا اڻ ڏٺا، ٻُڌا اڻ ٻُڌا ڪري لنگهي ٿي وياسين. پر ڏکڻي تڏهن ئي ونندي هئي، جڏهن ڪجهه اُستادن جي نالي ۾ ويٺل شڪارين سان ٿي واسطو پيو. عمر ۾ ڪي پائرن تي

ڪي بابي جيڏا. پهرين مارڪون پروفيسرن ۽ ليڪچرارن جي ٻارن ڪي ۽ پئسن تي ٿي مليون ۽ ھاڻي فقط ”سھڻين“ ۽ ”ٺهي ويندڙ“ شڪلين ڪي. ھتي اڪثر ڪري گھٽ مارڪون ڏيڻ، فيل ڪرڻ، اُستادن جي ذاتي آفيسن ۾ نہ وڃڻ، دير تائين اڪيلائپ ۾ ڪچهريون نہ ڪرڻ جي ئي سزا ھئي. اخلاق جا معيار پڙهيل ۽ سمجهايل معيارن ڪان گھڻا مختلف ھئا. اسان، جن وٽ ايئر ھوسٽس واري پروفيشنل مسڪراهٽ نہ ھئي سي سڀ سيڪنڊ ڪلاس ۾ ٿي پاس ٿياسين ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ايترا بہ تنگ ڪيا وياسين جو انهن اُستادن ڪي مطلوبہ ڪمپني نہ ڏيئي سگھڻ ڪري پريڪٽيڪلن ۾ فيل ڪيا وياسين. اُستاد صاحبنا شڪل و صورت ڪان ويندي پاتل ڪپڙن ۾ ميچنگ تي بہ ڪلي عام ڪلاس ۾ ئي ريمارڪس پيا ڏيندا ھئا. پڙهائڻ ۾ Nil ۽ ڦاسائڻ ۾ پڙ! ڪيترائي استاد رُڪندڙ ھي چامشورو، اسان لاءِ ڪڏهن آزاد ھوا رُڪندڙ سرزمين تہ نہ بڻيو پر ھڪ مسلسل جيئرو عذاب گھر بڻجي ويو. انهن ڪمپنين ڪان پاڻ بچايوسين تہ امتحانن ۾ ماريا وياسين، شڪاري نگاهن ڪان بچايوسين تہ پويان ڏنل ٺهڪن ۽ ريمارڪس سان ضربيا وياسين. رڳو اُستادن تي ئي بس ڪونہ، يونيورسٽيءَ ۾ تہ جڻ رڳو شڪار ۽ شڪاري ئي رهيا. جيڪو بہ بچي ٿي نڪتو ان ڪي سيڪنڊ ۽ ٿرڊ ڪلاس ۾ تعليمي ڊگريون، ڊپريشن، فرسٽريشن ۽ ٻيا ڪيترائي نفسياتي مسئلا واڌوءَ ۾ ٿي مليا. جيتوڻيڪ سچي يونيورسٽيءَ ۾ ۽ اسانجي پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ بہ ڪي سٺا، لائق ۽ بااخلاق استاد موجود ھئا پر ان سچي نظام ۾ انهن جو تعداد رتي برابر بہ نہ ھو. ساڳيو ئي حال تقريباً اسان جي ھم ڪلاسي شاگردن جو ھئو پر اتي ان قسم جي ذهني اذيت ان ڪري بہ محسوس ڪو نہ ٿيندي ھئي جو سندن اسان جي مرضي ڪي پنهنجي ڪنهن بہ اختيار سان چيلينج ڪرڻ جو حق ڪونہ ھو. ان سچي صورتحال ۾ تہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گھر وارن سان بہ جڻ نفرت ٿيڻ لڳندي ھئي تہ انهن اسان ڪي ڪهڙي آڙاهہ ۾ اُڇليو آهي، جتي ان قسم جي استادن ڪي چئلينج ڪرڻ واري نہ ڪا اٿارٽي آهي ۽ نہ ڪو اختيار.

منهنجو هينئر فائنل سيمسٽر آهي، جيتوڻيڪ مان ھاڻ جلد ئي Pass out ڪري ھن اذيت گاهہ ڪي خير آباد ڪرڻ واري آهيان پر اُستادن جي انهيءَ رويي جي نتيجي ۾ مون ڪي سيڪنڊ ڪلاس ڊگري، نفسياتي مرض ۽ فرسٽريشن ڪانسواءِ ڪجھہ بہ پلئہ نہ پوڻو آهي، جڏهن تہ سماج جي بدلجندڙ اخلاقي روين ۾ اهو سڀڪجھہ عام آهي. ڪنهن حد تائين بي ڏُر بہ ان سچي ماحول جي پيداوار ۾ برابر جي شريڪ رهي آهي پر مان ھتي صرف انهن ڇوڪرين جي ڳالهہ ڪنديس جن جو اهو رستو ناهي، ڪين مارڪن ۽ سٺي

رزلٽ جي پرڪشش آڇ جي پرواهه ناهي، پوءِ اُهي ان رستي تي نه هلي سگهڻ ڪري مختلف طريقن ۽ سازشن سان تنگ ڪيون ٿيون وڃن.

چاءِ توهان جيڪي پنهنجو پاڻ کي وڏيون دانشور سڏرايو ٿيون، تن وٽ اسان جهڙن ضربيل روحن ۽ پريشان وجودن جي انهن مسئلن جو ڪو حل آهي؟؟“

خط جي اقتباسن مان سنڌ جي هڪ نياڻيءَ جو درد ۽ ڪرب جنهن پيڙا سان ابري سامهون اچي ٿو اهو اسان جي موجوده سوسائٽيءَ جو هڪ عڪس آهي. هڪ نياڻي جيترو ان صورتحال سان مهاڏو اٽڪائي سگهي ٿي، ان جي پنهنجي ويڙهه ۽ حوصلو آهي، ليڪن جيڪي نياڻيون اهڙو مهاڏو اٽڪائڻ جو حوصلو يا حالتون نٿيون رکي سگهن انهن سان اتي درد ۽ ڪرب جي حالت ڇا هوندي. اهڙين ڳالهين جو ٿورڙو تصور ڪري به انسانيت جون اکيون شرم کان جهڪي ٿيون وڃن.

هي ڪرب ۽ هي درد اڄ ۾ سماج اندر اڱرين تي ڳڻجندڙ ماڻهن لاءِ هو ۽ هينئر اڱرين تي ڳڻڻ جيترا  ماڻهو ان کان بچيل آهن. ماڻهن جي زندگي هونئن ئي جهنم بڻيل آهي. روزگار جي مسئلي کان وٺي امن امان جي مسئلن تائين ۽ انصاف جي مسئلن کان وٺي عصمت جي مسئلن تائين، زندگي عذابن جو پنڊار بڻيل آهي. هينئر اسان جي ماڻهن لاءِ عذابن سان جيئڻ ۽ روزانو عذابن سان مري وڃڻ معمول جي ڳالهه آهي. هيءَ صورتحال آفريڪا يا آسٽريليا جي جهنگن ۾ نئين دريافت ٿيل ڪنهن قبيلي جي ناهي بلڪ اڄوڪي دنيا جي ”گلوبل وليج“ تي جاگرافيائي اهميت جي حامل اهڙي قوم جي آهي جنهن لاءِ وڏي فخر سان چيو ويندو آهي ته سڄي نندي کنڌ جي ادب جو ماسٽر پيس آهي، جنهن قوم جي اديب لاءِ چيو ويندو آهي ته مزاحمت جي خوبيءَ جو سج ان تي ئي لهندو آهي ۽ ان تي ئي چڙهندو آهي ۽ ٻيون به برتر ۽ اتم هئڻ جون ڪيتريون خوبيون سنڌي قوم جي کاتي ۾ ڳڻايون وينديون آهن.

انهن مان ڪيتريون خوبيون بجا طور تي اسان جو شاندار ماضي آهن ليڪن اسان جو شرمناڪ حال اسان جي جنهن فڪري ويڳاڻپ جو نتيجو آهي، ان ۾ سنڌ جون نياڻيون هينئر اسان جي دانشورن کي جنجهوڙي کائڻ پچن ٿيون ته اوهان وٽ اسان جهڙين ضربيل روحن ۽ پريشان وجودن جي انهن مسئلن جو ڪو حل آهي؟ ساڳيو سوال اسان جي انهن خاموش نوجوانن جو به آهي جيڪي يونيورسٽين ۾ چند لوفرن جي لچاين ڪري پنهنجي سڄي تعليمي ڪيريئر کي يرغمال ٿيل سمجهن ٿا.

اسان جي خيال ۾ اسان جي دانشور وٽ سنڌ ڄاڻن ۽ سنڌ چاهن جي انهيءَ سوال جو ڪو به مفيد جواب ڪونهي. انهيءَ ڪري جو هو ويجهڙائيءَ واري پوئين عرصي ۾ اميراڻي ۽ جعلي مڊل ڪلاس جي ماڻهن سان گڏ گهاريل زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجا تصورات انهن سان سلهاڙي ويٺو آهي. هينئر سنڌ جي دانشورڪي ڪنهن به اهڙي سوال جي حقيقي جواب ڏيڻ جي لاءِ هڪ ته پاڻ ڪي حاصل گهٽين مراعتن تان هٿ ڪڍڻو پوندو ۽ انهيءَ جي لاءِ هو ذهني طور تي تيار ڪانهي، ٻيو هُن ۾ جرئت ڪونهي، ٽيون هن ۾ ايمانداري ڪونهي.

انهن ٽنهي بدعتن پيدا ٿيڻ جو اصل ڪارڻ هي آهي ته اسانجو دانشور علم، حڪمت ۽ ڏاهپ جي بنياد يعني خدا جي معرفت سان پنهنجو تعلق ڪٽي ويٺو آهي. اسان جي سموري تاريخ ۾ اسان جو عالم، اسان جو صوفي دانشور ۽ ڏاهو اسان جو سماجي مسيحا بڻيل رهيو آهي، ان ڪري جو هو خدا سان پڪي نسبت رکندو هو ۽ هينئر اسان جي بدقسمتي هيءَ آهي جو اسان جا ٽي چار نسل گذريل ٽيهن چاليهن سالن ۾ ڪن نالن چڙهيل دانشورن ۽ قلمڪارن جي تحريرن جي اثر ۾ خدا کان ويڳاڻا بنجي چڪا آهن. بدقسمتيءَ سان اسان جو اڻ پڙهيل طبقو جاهل مُلن، پيرن ۽ پوتارن جي ور چڙهيل آهي ۽ پڙهيل طبقي جو سماج تي اثر انداز ٿيندڙ اهو وڏو حصو خدا کي ملان جو مسئلو سمجهي ٿو. خدا کان اسان جي اها بيگانگي يا ويڳاڻپ اسان کي ٻوڙي رهي آهي ۽ ان سان اسان جي ڪرب، تڪليفن ۽ عذابن ۾ روز بروز اضفو ٿيندو پيو وڃي.

خدا جيڪو پيار ئي پيار آهي، جيڪو ڌرتيءَ تي انسانذات جي ڀلائيءَ جو هر وقت اونو رکي ٿو، جيڪو انسان جي ويڳاڻپ تي ميار ڏئي ٿو ته ”اي انسان! ڪهڙي شيءِ توکي پنهنجي مهربان پالڻهار کان ويسلو بڻائي ڇڏيو آهي.“ خداء جنهن جو ڌرتيءَ جي مٿان قومن سان واعدو آهي ته انساني ذميدارين کڻڻ جي اهليت پيدا ڪرڻ تي ضرور ضرور آءُ اوهان کي ڌرتيءَ تي وقار سان جياپي ۽ حڪمرانيءَ جو حق ڏيندس.

هن مرحلي تي جڏهن اسان اسباب جي دنيا ۾ سڀ فڪري تجربا ڪري نيست ٿي سياست کان وٺي اخلاقيات جي شعبن تائين ٻي واٽا ۽ اَسونهان ٿي چڪا آهيون. ان وقت اسان هيڪر وري خدا کان پنهنجي ويسلائي ختم ڪري پنهنجي صوفي بزرگن جي نقش قدم تي خدا سان تعلق جوڙي وٺون ته اسان جي ٻيهر اُڀار جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ هن سموري فڪري بحران جو اهو ئي اڪيلو حل آهي. اسان جي سياست ۾

دوکيبازين، اسان جي سماجيات ۾ بي مقصديت، اسان جي معاشرت ۾ ابتري، اسان جي تعليمي نظام ۾ خرابين ۽ اسانجي اخلاقي نظام جي ڏيوالپڻي جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته اسين خدا سان تعلي جي معاملي ۾ پرمتڙيا رهيا آهيون. ايڏي خطرناڪ ڀُل جي ازالي لاءِ ضروري آهي ته اسان هڪ ذات جا وفادار ٿي ان جي مخلوق سان ڀلاين جا ذميدار بڻجون ۽ پوءِ انهن فرضن ۾ ڪوتاهين تي پنهنجي پوري شعور ۽ عقيدي سان ان جي سامهون پاڻ کي جوابدار سمجهندي انهن ڪوتاهين جو ازالو ڪريون. اهڙي طرح جيڪڏهن اسان جي سچي فڪر جو محرڪ خداء انسان ۽ ڌرتي بڻجي پوي ته پوءِ اسان جا پڪ سان بيڙا پار آهن.

ڌرتيءَ جي مثان انسانن جي ڀلي جو ڪو به فڪر خدا جي معرفت جي شعور کانسواءِ ڪڏهن به پائيدار نٿو بڻجي سگهي. اهو هڪ اهڙو ٽڪنڊو آهي، جنهن مان جيڪڏهن هڪ ڪنڊ نڪري وڃي ته صرف ليڪ وڃي بيهندي. انهيءَ ڪري جڏهن ڪنهن به فڪر جي تشڪيل لاءِ انهن ٽنهي جي ميلاپ کانسواءِ ڪو چارو ڪونهي، ته پوءِ اسان کي پنهنجي ڪوتاهين جو ازالو ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي فڪري بنيادن ۾ خدا جي تعلق کي ائين بنيادي اهميت ڏيڻي پوندي جيئن اسان جي هڪ هزار سالن جي ماضيءَ ۾ اسان جي عالمن ۽ صوفين ان کي اهميت ڏني آهي. هي اسان جي خوشبختي آهي جو اسان وٽ روشن خيال عالمن ۽ صوفين جون علمي ۽ تحريڪي ڪوششون موجود آهن، جن جي روشنيءَ ۾ اسان ڪنهن به قدامت پرستيءَ جو شڪار ٿيڻ کانسواءِ جديد دور جي تقاضائن پٽاندار اهڙي فڪري تشڪيل ڪري سگهون ٿا، جنهن ۾ دنيا جي چڱاين ۽ خوبصورتين جو فلاح ڀريو نظام به ماڻي وٺون ۽ پنهنجي آخرت سجائي ڪرڻ جو سامان به جوڙي وٺون.

(”سنڌ فورم“ جون 1999ع )

# پڇتائيءَ جي هِن دور لاءِ رهنمائي

سنڌي سوسائٽي هن وقت جنهن ابتري ۽ پيچ ڊاهہ جو شڪار آهي، سا حقيقت ڪنهن کان به ڳجهي ڪانهي. توڙي جو صدين کان قائم محبت ۽ مروت، رواداري ۽ مهمان نوازي، سهپ ۽ سچيتائي، شرم ۽ حياء ايثار ۽ قربانيءَ جون روايتون مجموعي طرح زواليون ناهن ۽ اسان جي روئس ۾ ان جا آثار باقي آهن، تنهن هوندي به شخصي طور ويڳاڻپ، خود غرضي، انا پسندي، تڪبر، تقليد ۽ عقل ڪل هئڻ جا رويا هينئر اسان جي سوسائٽيءَ جو روڳ بڻبا پيا وڃن. اسان جي شهري ۽ پڙهيل سوسائٽي انهيءَ روڳ جو اصل شڪار آهي ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ جا ماڻهو به جڏهن شهري سوسائٽيءَ جو حصو بڻجن ٿا ته اهي به انهيءَ وبا کان پاڻ کي بچائي نٿا سگهن. نتيجي ۾ انهن انفرادي روڳن اسان جي اجتماعي سوچ جي روح کي رهڙي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. صورتحال هتي وڃي پهتي آهي جو ڪٿي به چار سنڌي اجتماعيت جي جذبي سان ويهڻ جو سوچيون ٿا ته اسان جو انائون، مفاد، ذاتيات، عقل ڪل هئڻ يا جانبداريءَ جهڙيون موذي جهالتون اسان جي ان اجتماعيت جي سفر کي سڦلائتو بنجڻ نہ ٿيون ڏين. جتي به ڏسو اتي اختلاف آهن، گروپ آهن ۽ ڏاڙهي پٽ آهي. اسان جي سياست، اسان جا اداراء اسان جون سماجي تنظيمون، اسان جون برادريون، مطلب ته ڪو به اهڙو شعبو ناهي جتي انتشار ۽ خلفشار ڪونهي. وري بدقسمتيءَ سان اسان جو پڙهيل طبقو ته تهائين وڌيڪ انهن جهالتن جي ور چڙهيل آهي. پڙهيل طبقو سڄي دنيا جي قومن ۾ ڏسو ته ادارا جوڙي ٿو ۽ انهن ذريعي قومي بنيادن کي مستحڪم ڪرڻ ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري ٿو. ليڪن هتي حالت هيءَ آهي جو نظر ٿا کڻون ته ڪو به اهڙو مضبوط ادارو نظر نٿو اچي جنهن کي ڏيکارڻ لاءِ دنيا جي سامهون پيش ڪري سگهون ته اجهو اسان موهن جي دڙي جي وارثن ههڙو مثالي ادارو قائم ڪيو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن مثالي شخص ڳڻڻ شروع ٿا ڪريون ته انهن جو تعداد به آڱرين تي پورو ٿي وڃي ٿو ۽ ان ۾ بين الاقوامي ليول جو هينئر اهڙو ڪو به ماڻهو ڪونهي جنهن کي اسان سياست، علم و ادب، فلسفي ۽ قانون وغيره ۾ سنڌ جي نمائندي طور نهايت مٿئين درجي جو ماڻهو ڳڻائي سگهون.

هڪ طرف هيڏي هوند جو صدين جي سفر تي محيط سنڌ جو علمي، تمدني ۽ تهذيبي ورثو، دنيا جي مثالي وحدت الوجودي صوفياڻين روح رتين روايتن جي موجودگي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تعليمات ۽ فڪر جو گهوارو سندس رسالو موجود آهي، جيڪو هر سال هزارن جي تعداد ۾ ترجمي ۽ تشريحن سان ڇپجي ٿو. ٻئي طرف ايڏي اٿهوند جو هيڻڙ سنڌي سوسائٽيءَ جو ڪو به اجتماعي پهلو سگهارو نظر نٿو اچي ۽ مثالي فرد پيدا ٿيڻ رڪجي ويا آهن.

انهيءَ جا ڪي به تاريخي ۽ تمدني سبب ٿي سگهن ٿا، جن ۾ لڳاتار غلاميءَ ۾ رهڻ جو هڪ سبب به ڳڻجي سگهجي ٿو ليڪن انهيءَ جو هڪ فوري سبب هي سامهون ٿو اچي ته مجموعي طرح اسان ماڻهن جو پنهنجي زندگيءَ بابت حقيقتن ۽ روين ۾ تضاد شامل ٿي ويو آهي. زندگيءَ جو ڪو به مقصد متعين ڪونهي ۽ ڪيتري عرصي کان اسان جي زندگي آئل ٿينڪرن جي پويان لڪيل هن شعر وانگر گذري رهي آهي ته:

ﻧﻪ انجن ڪي خوبي نه ڪمال ڊرائيور
چلي جا رهي هي خدا ڪي سهاري

جڏهن زندگيءَ جي باري ۾ ڪنهن نصب العين جو تعين ئي ڪونهي ته پوءِ اسان پنهنجي پاڻ مان اهو انساني جوهر استعداد، صلاحيت ۽ لقاءُ ئي وڃائي چڪا آهيون جنهن ۾ چڱائيءَ جي قبوليت جي خاصيت هوندي آهي. جڏهن اهو استعداد ئي وڃائي چڪا آهيون ته پوءِ اسان جو تهذيبي ۽ علمي پسمنظر ۽ اسان جي صوفي فڪر جي زرخيزي به اسان کي بچائي نه ٿي سگهي. بارش زمين جي استعداد ۽ لقاءَ کي نوبنو ڪرڻ لاءِ وسي ٿي ليڪن اوسر اتي ئي ٿئي ٿي جتي زمين ۾ اُسرڻ جي صلاحيت هجي ۽ اتي ئي گل گلزار ۽ هٻڪار مهڪي پوي ٿي.

انهيءَ حقيقت جي تناظر ۾ اسان شاهه لطيف جي فڪر جي موجوده دور ۾ رهنمائيءَ کي ڏسون ته اسان کي هڙ حاصل ٿيندو، بي صورت ۾ پٽڪڻ جو عمل ڪڏهن به ختم ناهي ٿيڻو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه هڪ پختي عقيدي جي مسلمان جي حيثيت ۾ پنهنجي رسالي کي ”آيتن“ جي تشريح ۽ نمائندگي طور پيش ڪري ٿو. هُن جي سڄي فڪر جو سرچشمو قرآن مجيد ئي آهي. ليڪن قرآن مجيد جي تشريح کي تنگ نظر مذهبيت جي نمائندن جنهن سوڙهي گهٽيءَ مان گذاريو پئي، شاهه لطيف پنهنجي سڄي تاريخي شعور سان قرآني فڪر کي وحدت الوجود جي فڪري رويي سان انسانيت جي فلاح لاءِ ميدان تي آڻي اچي

بيهاريو. انهيءَ ڪري جيئن قرآن مجيد ”هدي للناس“ جي خطاب سان سموري انسانيت کي پنهنجي هدايت جي دائري ۾ آڻي ٿو، تيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام به سموري انسانيت لاءِ ڀلائيءَ جو سرچشمو آهي. ليڪن جيئن قرآن چوي ٿو ته ان سرچشمي مان سيراب اهي ٿي سگهندا جيڪي ماڻهپي لاءِ جيئڻ گهرندا (هدي للمتقين). تيئن ڀٽائيءَ جي فڪر مان به اهي فيضياب ٿي سگهندا جيڪي ماڻهپي سان جيئڻ جي نيت رکندا هجن ۽ جن ۾ انسانيت لاءِ جيئڻ جو جذبو هجي.

انهيءَ ڪري جن ماڻهن وٽ انسانيت لاءِءِ جيئڻ جو ڪو نصب العين ڪونهي، ڪو پروگرام ڪونهي ۽ ڪو جذبو ڪونهي، انهن لاءِ نه قرآن مان هدايت جو حصو آهي ۽ نه ڀٽائي جي تشريحن مان ڪو لاڀ حاصل ٿيڻو آهي. ٻين لفظن ۾ تاريخ جي ڪهڙي به دور ۾ ماڻهن کي ڪنهن به فڪر مان رهنمائي تڏهن ملي سگهي آهي جڏهن انهن ڀرپائين پاڻ ۾ ماڻهپو پيدا ڪيو آهي، ماڻهپي سان جيئڻ جو عهد ڪيو آهي ۽ ماڻهن جي ڀلائي کي ئي پنهنجي زندگيءَ جو ڪارج قرار ڏنو آهي.

هاڻي جيڪڏهن هن دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪري روين مان رهنمائي حاصل ڪرڻي آهي ته سڀ کان پهريان اسان کي پنهنجي زندگيءَ بابت تصورن ۽ روين کي تبديل ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اسان اهو شعور ۽ ماڻهپو حاصل ڪري ٿا وٺون ته پوءِ شاهه عبداللطيف جو پيغام ترقيءَ جو هڪ پنڌار آهي، جيڪو اسان جي نفسي مسئلن کان وٺي اسان جي فڪري ۽ اقتصادي، قومي ۽ اجتماعي مقصدن ۾ اسان لاءِ هڪ رهبر ۽ سونهين جي حيثيت رکي ٿو.

## نفسي مسئلن ۾ رهنمائي:

انسان جيئن ته صرف کل ۽ گوشت جو لوٿڙو ناهي بلڪ ان کي هڪ ذات ۽ تشخص به عطا ٿيل آهي، ان ڪري ان ذات ۽ تشخص جي نشونما لاءِ هر دور ۾ پيغمبرن، سڌارڪن ۽ فلاسفرن رهنمائي ڪئي آهي. سڌارڪن جو طريقو فلاسفرن واري پيچيده دانشوراڻي طريقي بجاءِ پيغمبرن جي عوامي سڌاري واري طريقي جي پنيرائيءَ تي هوندو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ سڌارڪ جي حيثيت ۾ هتان جي ماڻهن ۾ وحدت الوجودي فڪري رويي جي پرچار ڪئي آهي. ان فڪر جي روءِ سان سڀ ماڻهو اللهؒ جا ٻاتي آهن، اهي انسانيت جي حقن ۾ برابر آهن ۽ هڪجيترو احترام لهڻن ٿا. انسانن جو صنفي فرق به مرتبن جو فرق ڪونهي ۽ جيڪي خوبيون ۽ جذبا مردن جو مَرڪ

ليڪن ٿاءِ تن جي ڪماليت ۾ عورتون به ساڻن شريڪ آهن. انهيءَ ڪري زندگيءَ جي قافلي کي سرگرمي ۽ ترقيءَ سان اڳتي وڌائڻو آهي ته ان ۾ پنهي جي شرڪت اڻٽر آهي.

هن وقت اسان جي مذهبي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ فرقيوارانه ۽ ذات برادريءَ جي تقسيم جي ڪري جيڪي اڻ ڳڻيون برايون جنم وٺنديون وڃن ٿيون ۽ معاشرتي زندگيءَ ۾ عورتن سان بدسلوڪيءَ جا جيڪي سفاڪانه رويا ۽ ريتون موجود آهن، جيڪڏهن شاهه لطيف جي وحدت الوجودي فڪري رويي کي شعوري طور تي عوام جي زندگيءَ جي نصب العين ۾ شامل ڪري ڇڏجي ته انهن سڀني ڪروڌن مان نجات جي لاءِ جيڪر حيرت انگيز مسيحائي ٿي وڃي.

انهيءَ ۾ ضرورت صرف هن ڳالهه جي آهي ته شاهه لطيف جي رسالي ۾ وحدت الوجودي فڪري تشريح کي هڪ طرف ان جي قرآن سان نسبت کي نکيڙي عوام آڏو آڻي ان کي عقيدي جي طور تي مڃائڻ جون تبليغي ۽ پرچارڪ ڪوششون ڪيون وڃن ته ٻئي طرف دنيا جي سڌريل معاشرن جي گڏيل چڱاين سان ان جي نسبت نکيڙي ان کي دليل جي بنياد تي عمل ۾ آڻڻ جون گهڻ رُخيون ڪوششون ڪيون وڃن. جيڪڏهن اسان اهڙين ڪوشش ۾ ڪامياب ٿا وڃون ۽ ان جو بهترين عملي مثال پنهنجي معاشري ۾ جوڙي ٿا وٺون ته سچ پچ اسان جي اها ڪوشش نه صرف سنڌ سميت برصغير جي ٻين غلاميءَ جي ويڳاڙپ ۾ ورتل قومن لاءِ هڪ شاندار نمونو بڻجي پوندي بلڪ دنيا جي ٻين قومن لاءِ به سڌاري ۽ ترقيءَ جو بي نظير مثال بڻجي منظر تي ايندي.

اهڙي طرح انسان جي نفسي زندگيءَ ۾ سندس ذات جي نشونما ۾ رڪاوٽ بنجندڙ نظر ايندڙ توڙي لڪل جيڪي به منفي جبلتون ۽ عادتون آهن، شاهه لطيف جنهن ڪمال نبض شناسي، دليل ۽ مثال سان ماڻهن کي انهن کان دور رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان جو مثال سندس همعصر يا پوءِ جي سڌارڪن ۾ گهٽ ملي ٿو. ڊاڪٽر علي شريعتي چواڻي ”انسان فطري طور تي فطرت، سماج، تاريخ ۽ ذات جي بنديخانن ۾ قيد آهي. پهرين ٽن بنديخانن مان هو علمي ترقيءَ جي ذريعي نڪري اچي ٿو، ليڪن ذات جي قيد مان انسان علمي ترقيءَ جي ذريعي نٿو نڪري سگهي. ان قيد مان صرف عشق جي ذريعي ئي نڪري سگهي ٿو.“ اهو خداءِ انسان ۽ ڌرتيءَ سان عشق شاهه لطيف جي فڪر جو منبع ۽ محور آهي ۽ وحدت الوجودي فڪري رويي ۾ اهي ٽيئي مربوط ۽ مليل آهن. انهيءَ ٽڪنڊي ۾ هر

هڪ ڪنڊ حق آهي ۽ هڪ ڪنڊ نڪري ويندي ته صرف ليڪ وڃي رهندي. اهو عشق ئي آهي جيڪو ماڻهوءَ کي نصب العين ۽ مقصد جو متوالو بڻائي ٿو. جيڪو ماڻهوءَ جي جز کي ڪُلَ جو حصو بڻائي ٿو. ماڻهوءَ کي انسانيت لاءِ جيئاري ٿو ۽ ان لاءِ ئي ديوانو بڻائي ٿو. جڏهن انسان ۾ نصب العين ۽ مقصد سان جذباتي لڳاءُ پيدا ٿي وڃي ته منفي جبلتون ۽ عادتون پاڻ ئي دبجي ختم ٿي وڃن ٿيون. ابن خلدون قومن جي عروج جا سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي ته ”اوهان کي پنهنجي ماڻهن کي متحد رکڻو آهي ته انهن کي ويڙهه ۽ مقابلي ۾ مصروف رکو.“ هن دور ۾ ويڙهه ۽ مقابلي جي مسابقت فڪري ۽ تهذيبي ترقيء اقتصادي ۽ تجارتي سرگرميءَ جا ميدان مچائي ڇڏيا آهن ۽ جيئن ته اسان جي ملڪي تاجي پيٽي ۾ رياست اسان جي سڄڻ ڪونهيء انهيءَ ڪري اهو ڪم هتان جي فردن، ادارن ۽ جماعتن کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن فرد، ادارا ۽ جماعتون اهو ڪم ڪري ٿيون وٺن ته پڪ سان اسان جي سماج جا نفسي ۽ اخلاقي مونجهارا به حل ٿي ويندا.

## اقتصادي مسئلن ۾ رهنمائي:

وحدت الوجودي فڪري رويي ۾ سڀ ماڻهو اللهؐ جا ٻاتي آهن، انهيءَ ڪري اللهؐ جي پيدا ڪيل وسيلن تي به سڀني ٻاتين جو مساوي حق آهي. توڙي جو صلاحيتن جي گهٽ وڌ هئڻ ڪري رزق جي گهٽ وڌائي فطري تسليم ڪئي وڃي ٿي ليڪن معاشرو ۽ رياست پابند آهن ته سڀني ماڻهن کي بنيادي ضرورتن جي پورائي جا وسيلا مهيا ڪري ڏين. اسان کي پاڻ وٽ اهڙي جهان جي اڏاوت ڪرڻي آهي جنهن ۾ اسين سڀ پاڻ کي سڀني هموطنن لاءِ بنيادي ضرورتن ۽ روزگار جي ذريعن کي مهيا ڪري ڏيڻ جا پابند سمجهون. جيڪڏهن رياست اسان کي ان استحقاق کان محروم رکي ٿي ته فردي ۽ تنظيمي طور تي انهن ذريعن ۾ سهڪاري بڻجئون. جيڪڏهن اهڙو جهان اسين هتي اڏي ٿا وجهون ته پوءِ پڪ ڄاڻو معاشي زندگيءَ جي بهتريءَ جا باقي سڀ مسئلا مٿي ڄاڻايل اصول جا ضمني نُڪتا بڻجي پوندا.

اهڙي طرح شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جيئن ته ڦورو طبقن تي ڦٽڪار وجهي ٿو ۽ واپارين، وڻجارن ۽ جوهرين جي اوج کي سماج جي مجموعي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي علامت ڄاڻائي ٿو، ۽ وقت جون ويران بازاريون پَسندي سندس هينئڙو لوڻ ٿئي ٿو، ان ڪري واپارين جي ترقيءَ جي عوام سان ڳانڍاپي واري اها رهنمائي موجوده دور جي تجارتي ترقيءَ واري دوڙ ۾ سنڌين جي مڊل ڪلاس طبقي لاءِ هڪ ميني فيسٽو جي حيثيت رکي

ٿي. اسان جي سوسائٽيءَ جو الميو هي آهي ته اسان وٽ حقيقي مڊل ڪلاس اڃا پيدا ٿيو ئي ناهي، جيڪو عوام جي مجموعي خوشحاليءَ جي وساطت سان تجارتي ترقيءَ ذريعي پيدا ٿيندو آهي. ان جي بجاءِ ٺيڪن، پرمٽن، پرسنٽيج، ڪميشنن ۽ ٻين جڳاڙن جي ذريعي جيڪي جعلي مڊل ڪلاس پيدا ٿيو آهي، اهو زندگيءَ جي سڀني روين ۾ جڳاڙي طريقن تي ڪاربند آهي ۽ قومي ترقي ۽ اوسر ۾ پنهنجو ڪو به ڪردار ادا ڪرڻ ته ٺهيو، مورڳو ڌارين جي اقتدار هيٺ پنهنجي مفاد ۽ غرضن جي لاءِ هميشه پاڻ وڪڻڻ ۾ پيش پيش رهيو آهي. انهيءَ ڪري حقيقي مڊل ڪلاس پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شاهه لطيف جي فڪري تعليم مان ڀرپور رهنمائي ملي سگهندي.

## قومي ۽ اجتماعي مقصدن ۾ رهنمائي:

"سچڻ ۽ ساڻيهه ڪنهن اٽاسيءَ وسري" جي سٽ شاهه جي سياسي ۽ اجتماعي فڪر جو اساس ۽ بنياد آهي. هي پيغام هر سنڌيءَ کي پنهنجو سڄڻ يا سڳو ڀاءُ قرار ڏئي اجتماعي ڌارا ۾ هڪ ٻئي سان ۽ هڪ ٻئي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ جي رهنمائي ٿو ڪري. سڄڻ لفظ جي معنائن تي غور ڪبو ته خير خواهه کان وٺي دوست، محبوب ۽ پرين به سڄڻ ۾ شمار آهي ۽ ساڳئي نسب ۽ قوم جو ماڻهو ۽ ساڳئي وطن جو ڄائو هڻ به سڄڻ ليکبو. ساڻيهه يعني پنهنجو ديس، اهي ٻئي وسارڻ احسان فراموشي ۽ بيغرتي جي ڳالهه آهي.

اهڙي طرح شاهه لطيف وطن وساريندڙن کي "حيف تنين هوءِ" جو پاراتو ڏئي اسان جي قومي وحدت جي سلامتيءَ لاءِ وطن ۽ قوم سان محبت کي لازمي قرار ڏئي ٿو. هو پنهنجو قومي تشخص برقرار رکڻ لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ جي رهنمائي ڪري ٿو.

سورهيه مرين سوبِ کي، ته دل جا وهم وسار
هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار ته متارو ٿئين.

***

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن،
ڀاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان

هن سڄي تفصيل جي بيان ۾ اها حقيقت پڻ پڌري آهي ته شاهه انسانيت جي اعليٰ آدرشن جو مفڪر شاعر آهي. قرآن مجيد جيئن ته سندس فڪر جو سرچشمو آهي،، انهيءَ ڪري جئين قرآن جي هدايت ابدي آهي تيئن سندس فڪري پيغام سنڌي قوم لاءِ ابدي اصولن جو منشور آهي. شاهه جي دور ۾ سنڌي قوم بتدريج دهليءَ جي مرڪزيت مان آجي ٿي رهي هئي. ان ڪري شاهه سنڌين کي غلاميءَ مان آجپي ۽ قومي تشخص جي مانائتي حيثيت جي حاصلات لاءِ جيڪي ڏگ ڏسيا، سي حالتون هينئر به ساڳيون آهن. هينئر به قومي تشخص جي مانائتي شڪل عدم حاصلات ۾ آهي. ساڳيا ماريءَ، ساڳيا شڪاري، ساڳيا واقعا ۽ ساڳيا موقعا. انهيءَ ڪري جيئن ان وقت اهو فڪر اجتماعي مقصدن جي حاصلات ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ آسيس بڻيو هو تيئن هينئر به سنڌي ماڻهنجي لاءِ سڀ کان وڏو سهارو آهي.

شاهه لطيف جي شاعريءَ لاءِ منڍ ۾ ئي چيو ويو آهي ته هو پنهنجي سڄي تعليمات ۽ فڪر جو سرچشمو قرآن کي ليکي ٿو، ۽ هو بيتن جي صورت ۾ پاڻ کي قرآن جو شارح قرار ڏئي ٿو. ان حوالي سان هيءَ ڳالهه طئي آهي ته قرآن جو توحيد ۽ انسان بابت تصور شاهه جي سڄي فڪري پيغام جو منبع آهي. توحيد جي ان تصور ۾ اللهؒ جي پالڻهاريءَ جو نظام، ان جي اطاعت جو نظام، ان جي عبادت جو نظام وحده لاشريڪ له آهي ۽ ان نظام جو استفادو محمد ڪارڻي جي طريقي تي هلي حاصل ڪرڻ کانسواءِ ڪا ٻي واٽ ڪانهي. انهيءَ ڪري پيٺائي جنهن واٽ ۽ ڏگ تي وٺي هلي ٿو ته ان ۾ هو سفر جي منزل جي چٽي نشاندهي پڻ ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪي به ٻه رايا ڪونهن. ۽ جيئن ته هو پنهنجو فڪري رهنما قرآن کي ٻڌائي ٿو ۽ ان جي ذريعي نفسن جي تزڪئي جو پيغمبري ڪم سرانجام ڏئي ٿو، انهيءَ ڪري جيڪو ماڻهو به ڀٽائيءَ جي واٽ تي هلڻ جو دعويدار آهي اهو جيستائين قرآن جي يونيورسل تعليم جي پيروڪار نه بڻبو تيستائين ڀٽائيءَ جي فڪري تعليم ذريعي پنهنجي ذات جي نشونما ۽ پنهنجي اجتماعي مقصدن جي حاصلات ماڻي نه سگهندو. صرف هي سوچي ڪري ته قرآن جي ڳالهه جيئن ته ملان ڪري ٿو تنهنڪري اسان کي هرگز ناهي ٻڌڻي ۽ مڃڻي ته، هيءَ غير منطقي ۽ اياڻو نقطهٔ نظر آهي ۽ اسان جي ماڻهن کي پوين ڇئن ڏهاڪن ۾ هن نقطهٔ نظر جي تمام وڏي قيمت چڪائڻي پئي آهي. ملائيت جو سسٽم ڀٽائي کي اسان کان وڌيڪ اهنجائيندڙ هو، ڇاڪاڻ ته هن ڇاتو ٿي ته قرآن هر مذهبي ٺيڪيداري ۽ ظلم زيادتيءَ کي چئلينج ڪري ٿو تنهن ڪري هن مٿير مڙس ملائيت جي رجعت پسندي ۽ تنگ نظريءَ سان ٽڪر کاڌو ۽ عوام کي ٻڌايو ته

مذهب جو اصل روح خدا پرستي ۽ انسان دوستي آهي، توحيد اللهؐ جي صنفن جو مظهر بنجڻ جو نالو آهي ۽ انسان اللهؐ جو پرتوو آهي. ڀٽائي انهيءَ پرچار سان سنڌ جي ماڻهن کي اعليٰ انساني روايتن جو امين بڻائيندو آيو، ليڪن اها اسان جي نااهلي هئي جو اسان سندس فڪري لاٽ ۽ رهنمائيءَ کي پنهنجي آئيندي اجارڻ جو ذريعو نه بڻائي سگهياسين.

جيڪڏهن اسان کي واقعي پنهنجي ذات يا سماج جي اندر تبديليءَ جو اونو آهي ته پوءِ اسان کي سوچ جا هي تضاد ختم ڪرڻا پوندا ته پنهنجي مرضي ۽ سهولت جي ڳالهين ۾ ته ڀٽائيءَ کي مرشد ڪري مڃون ۽ جتي اسان کان ايثار جي تقاضا ڪئي وڃي، جتي قرباني گهري وڃي، جتي لڇڻ ۽ لوچڻ جو درس ملي، جتي پتنگن وانگر پچڻو پوي اتي اسان ٿڌو ساهه ڀري چئون ته سائين ڀٽائي جي رمزن کي آسانيءَ سان ڪير سمجهي سگهندو؟ ۽ پوءِ پاسو ڏئي ڪسڪي هليا وڃون يا فراريت جي راهه اختيار ڪيون.

هينئر ابلاغ جا ذريعا قدرت هڪ وڏي نعمت ڪري ڏنا آهن، انهن جي ذريعي اسان ڀٽائيءَ جي سوچ ۽ لوچ، ان جي امنگ ۽ اُڪير، ان جي جهد ۽ جستجو، ان جي اثر ۽ فڪر کي موجوده نسلن تائين پهچايون، اهو وقت جو سڀ کان وڏو قرض آهي. هن سنڌي سماج آڏو مثالي انسان جو جيڪو تصور پيش ڪيو آهي ۽ هن سنڌي سماج کي جنهن نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو آهي ۽ ان لاءِ جيڪا عملي راهه ڏيکاري آهي، ان کي شانتي نڪيتن جهڙا فڪري اسڪول ۽ ادارا کولي انهن جي وسيلي پنهنجي نسلن تائين ان جا عملي مظاهرا چٽا ڪري سامهون آڻيون، اها هن دور جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي.

اهن اسان تعليم ۽ ايڪويهين صديءَ جي چئلينج جي ڳاهه ڪريون ٿا ته سڀ کان پهريائين هن ڳالهه جو جائزو وٺڻ کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون ته پوين صدين ۾ اسان ڇا حاصل ڪيو ۽ ڇا وڃايو آهي. جيڪڏهن ان جائزي ۾ اسان وڃائڻ کان وڌيڪ حاصل ڪيو آهي ته پوءِ اسان کي اڳئين صديءَ ۾ پير پائڻ وقت گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ڪو نه پوندو، پر جيڪڏهن ڳالهه ان جي ابتڙ آهي ته پوءِ صورتحال نهايت سنگين آهي، جنهن لاءِ قوم کي انقلاب مان گذرڻو پوندو آهي.

انقلاب جو نالو وٺندي ئي اسان جي ذهنن ۾ مار ڌاڙ، خون خرابي ۽ هر شيءِ کي مٽائي نئين اڏاوت جو تصور ذهن ۾ ڦري ٿو اچي. حالانڪ ڳالهه ائين ڪونهي. اسان وٽ انقلاب جي عمل جي باري ۾ گهڻين غلط فهمين ماڻهن

ڪي ان ڪان ٿهائي رکيو آهي ۽ ان ڏاهه جي تسلسل ھاٽي تہ ماڻھن جي ذھن تان ان جو تصور بہ گهٽي قدر ميساري ڇڏيو آهي. حقيقت هي آهي تہ انقلاب پنهنجي مخصوص عملي دائري سبب پنهنجي نوعيت ۾ هڪٻئي ڪان الڳ رهندا آيا آهن. سياسي، اقتصادي، سماجي، تعليمي، سائنسي، فڪري ۽ ذهني انقلاب وغيره. اهو تصور بلڪل غلط آهي تہ ڪنهن بہ قسم جو انقلاب پوين سڀني شين ڪي بلڪل ڊاهي ڇڏيندو آهي، بلڪ ٿيندو ائين آهي تہ جيڪي شيون بہ انقلاب ۾ ڊهڻ جهڙيون هونديون آهن انقلاب انهن ڪي ڊاهيندو آهي ۽ جيڪي شيون انقلاب جي ان عمل ۾ رڪاوٽ نہ ٿيون بڻجن يا ايندڙ تبديليءَ لاءِ ڪي بہ ناڪاري اثر نٿيون رکن تہ انهن ڪي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويندو آهي.

اسان ڳالهہ پنهنجي تعليمي نظام جي پوئين دور جي جائزي وٺڻ جي ڪري رهيا هئاسون. انهيءَ جائزي لاءِ ڪا ڏگهي ڪاوش ڪرڻ جي ضرورت اسان ڪي هن ڪري بہ محسوس نٿي ٿئي جو موجوده تعليمي حالت جي حوالي سان ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي. سنڌي سماج جي سڀني طبقن جو انهيءَ تي اتفاق آهي تہ هينئر اسان جي تعليم تباهہ ٿي چڪي آهي، بلڪ ان ڪان اڳتي هي بہ تاثر آهي تہ تباهي اهڙي پَڌَ تي پهچي چڪي آهي جو موجوده حالتن ۾ ان جو هئڻ يا نہ هئڻ برابر جي ڳالهہ آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ان تعليم جو موجوده نظام اسان جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي. هن مختصر نشست ۾ تعليمي نظام جي موجوده تباهيءَ جي منظر ڪي پيش ڪرڻ ڪان وڌيڪ اهميت هن ڳالهہ ڪي ڏنا ڏيون تہ ان جا ڪارڻ ڄاچيون.

جڏهن اسان ڪارڻن تي ڏنا اچون تہ گهڻ رخا ڪارڻ اسان جي سامهون ڪَر ڪڍي بيهن ٿا. انهن مان هڪڙا تہ سڌا سنوان ڪارڻ آهن ۽ ٻيا اڻ سڌا. جيستائين انهن ڪارڻن جي خطرناڪ ۽ سنگين هئڻ جو تعلق آهي تہ ان ۾ ٻنهي قسمن جا ڪارڻ هڪ جيترا سنگين آهن، بلڪ ڪنهن حد تائين اڻ سڌا ڪارڻ اسان جي تعليمي سرشتي ڪي وڌيڪ تباهہ ڪندا رهيا آهن جو اسان انهن ڪي سڌو سنئون ڪڏهن خطرناڪ محسوس ڪيو ئي نہ آهي.

مختصر طور تعليم جي تباهيءَ جا سڌا سنوان ڪارڻ هي سامهون بيهن ٿا:

1. تعليمي نظام ڪي هلائڻ جو اهم رول اسٽيٽ (رياست) جو ٿئي ٿو، پر هتي معاملو هي آهي تہ پاڪستان جي سياسي سرشتي ۾ سنڌ جو سماج

نظري توڙي عملي طرح هميشه عتاب هيٺ رهيو آهي ۽ سنڌي سماج ڏانهن اسلام آباد جو رويو پنهنجائپ وارو ناهي.

2. اسلام آباد، سنڌ ۾ هميشه مقامي اقتدار ڳولي ڳولي صرف اهڙين ڌرين جي حوالي ڪيو آهي جيڪي دلالپ وارو ڪردار ادا ڪن. نتيجي ۾ مقامي اقتدار جون سڀ صلاحيتون ان دلالپ جي فرض نڀائڻ تي صَرف ٿينديون رهيون آهن. انهيءَ ڪري امن، تعليم، صحت توڙي ٻين شهري سهولتن کي هميشه نظرانداز ڪيو پئي ويو آهي.

3. تعليمي نصاب ۽ پاليسيءَ ۾ تعليم کي انساني سوسائٽيءَ کي اعليٰ درجن تي پهچائڻ جو ذريعو بنائڻ بجاءِ، ڪارڪن ۽ آفيسرن جي اهڙي وڏي لوڏ کي تيار ڪرڻ جي مقصد کي سامهون رکيو ويو آهي جيڪا انگريزن پنهنجي اقتدار واري دور ۾ هڪ غلام قوم جي صورت ۾ پيدا ڪرڻ پئي چاهي.

هي ته آهن اهي سڌا سنوان اسباب جيڪي اسان جي تعليمي نظام جي تباهيءَ جو هيستائين ڪارڻ رهيا آهن. جيستائين اڻ سڌن ڪارڻن جو تعلق آهي ته انهن لاءِ آءُ اڳ ۾ به عرض ڪري چڪو آهيان ته اهي نه صرف سڌن سنون ڪارڻن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي تعليمي تباهي ۾ شريڪ رهيا آهن بلڪ ڪنهن حد تائين انهن جي سنگيني اجا به وڌيڪ شدت سان آهي. انهيءَ حوالي سان سڀ کان وڏو ڪارڻ اسان جي اجتماعي ويڳاڙپ آهي. سنڌي قوم هڪ وڏي عرصي کان فڪري ويڳاڙپ جو شڪار آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ اها ويڳاڙپ گهٽو ڪري لاشعوري هئي يعني جيترو انگريزن چاهيو پئي اوترو اسان اٽڃاٽائيءَ ۽ غفلت ۾ پاڻ سڃاڻڻ ۽ سماج سان سلهاڙيل رهڻ جي سوچ کان وانجها ٿيندا وياسين. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اها ويڳاڙپ شعوري شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. هي بحث تمام ڊگهي تفصيل جي تقاضا ڪري ٿو ليڪن هتي ان جو رڳو ايتري بيان جي بيحد ضرورت آهي جنهن سان ان مسئلي جي چٽائي سامهون اچي. انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ هتي تصورف جي تعليمي ۽ تربيتي نظام ۽ مڪتب جي تعليم ذريعي مشرقي روايتن جون سڀ خصوصيتون جوڀن تي هيون. عزتِ نفس، وسعت نظري، قلب جو اطمينان، صبر ۽ ڌيرج، قناعت ۽ اڪتفاء، نيازمندي ۽ عاجزي، توڪل ۽ اعتماد، نوڙت ۽ انڪساري، مردانگي ۽ بهادري، سچائي ۽ خلوص، سخاوت ۽ فياضي، پاڪدامني ۽ پاڪبازي، شرم ۽ حياء، امانت ۽ ديانتداري، عدل ۽ احسان جون خوبيون جهڙي نموني هتي اتم درجي تي موجود هيون ۽ انهن جي پرچار ڪئي ويندي هئي، تنهن جا باقي ٻين هنڌن

تي ڪي ٿورا مثال ملندڙ هئا. انگريزن هتي اچڻ ڪانپوءِ امير طبقن ڪي پنهنجو دلال بنائڻ جو ڪلچر رواج ۾ آندو. هنن سموري هندستان وانگر سنڌ ۾ به پاڻ سان گڏ آندل اهڙي نئين تعليمي نظام کي رائج ڪيو، جيڪو حاڪمن پاران غلامن جي لاءِ ”حقارت گاڏڙ تحفي“ جي طور تي عطا ٿيو ۽ ان جو مقصد پنهنجي حاڪماڻي تسلط کي برقرار ڪرڻ هو. جيئن جيئن ان تعليمي ۽ تربيتي نظام جون جڙون مضبوط ٿينديون ويون تيئن تيئن اخلاقيات، ماڻهپي ۽ روايتن جو اهو شاندار مشرقي وزدم مجروح ٿيندو ويو. ۽ ان کي لتاڙڻ جي لاءِ اٽڪل ڏيڍ صديءَ جو هيڏو سارو عرصو ٿورو ته ڪو نه هو. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ تعليمي نظام جا بنياد، طريقي ڪار ۽ نصاب ساڳيا رهيا. انهيءَ ڪري سواءِ انهن ماڻهن جي جن کي گهرو ۽ خانداني زندگي ۾ فضيلت ۽ سچيتائيءَ جو ماحول ۽ سبق ملندڙ هئا، باقي اهڙو طبقو لڳاتار پيدا ٿيندو رهيو جن لاءِ اڪبر اله آباديءَ چيو هو ته:

بي ـــ اي ڪيا، نوڪر هوئي، پينشن ملي اور مر گئي

انهيءَ عرصي ۾ هي به ٿيو ته سنڌي سماج ۾ تعليمي ۽ فڪري سڌاري جي ڪي قدر فڪرمندي به سامهون آئي ليڪن ان وقت چاڪاڻ جو يورپي ترقيءَ جي مادي خوبصورتين اسان جي انهن فڪرمند ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو هو ان ڪري هو سنڌي سماج جي روايتن، ماڻهن جي نفسيات، طبعي لاڙن ۽ ضرورتن کي نظرانداز ڪري پنهنجي علميت ۽ قابليت جي ”شاندار“ مظاهري طور معربي تهذيب جي مظاهرن کي جيئن جو تيئن قبولڻ جا مبلغ بڻجي ويا. هنن مغربي تهذيب ۽ مشرقي تهذيب جي هن بنيادي فرق کي به سامهون نه رکيو ته مغربي تهذيب انسان جي تخليق کي رڳو ”حيواني“ تسليم ڪري ٿي ۽ اصرار ڪري ٿي ته انسان رڳو حيواني تقاضائن جو حامل آهي ۽ سندس موجوده هيئت پڻ حيوان جي ارتقائي شڪل آهي. انسان جي هيئت ۽ تخليق متعلق اهڙي حيواني تصور جي عقيدي جي ڪري انسان سان پوءِ جيڪي به رويا اختيار ٿين ٿا سي انهيءَ نفسياتي پسمنظر ۾ سامهون اچن ٿا. هيڏانهن مسلمانن جي تعليم مطابق انسان اللهﷻ جو پرتوو آهي. جنهن لاءِ اللهﷻ چئي ٿو ته مان ان کي پنهنجي هٿن سان خلقيو ۽ پوءِ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيم. پوءِ ان کي وڏي شان ۽ عزت وارو بڻايم ۽ ان کي اهو سڀ ڪجهه سيکاريم جيڪو ڪيس نه پئي آيو. انسان تخليق جي هيڏي شرف واري تصور ۾ انسان سان جيڪي رويا اختيار ٿين ٿا تنهن جي مثالي شڪل خاص ڪري صوفين جي تعليم سچي انسان دنيا تي بي مثال اثر ڇڏيا آهن.

مغربي تهذيب جي ڪيترين به خوبين کي سامهون رکو ليڪن هيءَ مجيل حقيقت آهي ته انساني شرف ۽ انسان لاءِ ابديت واري زندگيءَ جي تصور جي ڪمي ان تهذيب کي پاڻ الائي ڪيترين مشڪلاتن مان گذاريو ۽ پريشان ڪيو آهي. مان اها ڳالهه وثوق سان چوان ٿو ته اتان جي سوسائٽي انساني مسئلن ۾ هتان کان وڌيڪ تجربن مان گذري آهي، ليڪن انهن سڀني تجربن جي نتيجي ۾ هو زندگي گهارڻ جا رڳو ميڪانڪي طريقا سولا بڻائي سگهيا آهن ۽ انسان ذات جي همه گير ۽ عظيم آدرشن ۽ ابديت واري فڪر جي رازن کان وانجها آهن. بيشڪ، ان سماج ۾ صدين جي هٿوراڙين ڪانپوءِ رواج ۾ آيل ڪاروبار ۾ ايمانداري، معاملن ۾ سٺرائي، عهد جي پابندي، فرض شناسي، وقت جي پابندي، وطن دوستي ۽ اجتماعيت جي احساس جهڙا گڻ انسانن لاءِ قابلِ قدر آهن ليڪن محبت جي پاڪ صاف ۽ مادي مصلحتن کان مٿانهين قدر، شرم ۽ حياءَ، پاڪدامني، ادب ۽ شفقت، هڪٻئي لاءِ ايثار ۽ الفت، ڪٽنب پروري، نرم دلي، ٻين جي حقن جي لحاظ ڪانسواءِ انسانيت جا آدرش اٽپورا ٿا لڳن.

وري ڳالهه صرف جيڪڏهن مغربي تهذيب جي هر ڳالهه ۾ اکيون ٻوٽي تقليد ڪرڻ تائين محدود هجي ها ته به خير هو. ليڪن انهن سڌڙين عاشقن مورڳو ئي هتي مسلمانن جي تهذيب ۽ اسلامي فڪر جي خلاف پڻ بغاوت جو جهنڊو اڀو ڪيو. مسلمانن جي اندر رجعت پسند ڏرين جي ڳالهين ۽ طريقي کي آڙ بڻائي اسلامي فڪر کي ته بلڊوز ڪيو ئي پئي ويو ليڪن الله، ان جي رسول ۽ قرآن کي به معاف نه ڪيو ويو. حالانڪه الله صرف مسلمانن جو خدا نه هو. رسول پوري انسانيت لاءِ رحمت ۽ چڱائيءَ جو پيغمبر هو ۽ قرآن مجيد انساني ڀلاين جو سڀ کان وڏو ۽ آخري الهامي، فطري ۽ پريڪٽيڪل دستاويز هو.

گذريل ٽن ڏهاڪن کان وٺي انهن عاشقن پنهنجي سرڪشي ۽ ضديت ۾ گهٽايو ڪونهي. اسان جو علم، اسانجو ادب، اسانجون محفلون ۽ مجلسون اسانجون ڪچهريون ۽ فنڪشن اسان جا تعليمي ادارا، اسانجا سبق ۽ اسان جي تربيت سڀ ان کان متاثر ٿيا آهن. ٽيهن سالن جي اندر ان جو لاڀ اسان جي سامهون هن صورت ۾ موجود آهي ته اسان جو نوجوان هن وقت ويڳاڻپ جي اهڙي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهي جتان نڪرڻ جي ڪيس ڪا واٽ نٿي سُجهي. سياسي طور تي اسانجو اقتدار اسان جي هٿ ۾ ڪونهي. سماجي طور تي ڪو منظم نظام ڪونهي، تعليمي نظام کان سڀ بيزاريءَ جو اظهار ڪريون ٿا. پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ارڻ ترڻ جو شڪار آهيون. تمدني

نظام جي تباهي انهيءَ شڪ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته ڇا موهن جو دڙو اسان سنڌين جو ورثو آهي يا ان کي ڪنهن ٻئي خطي مان زمين جي ڇڪي پٺي منتقل ڪيو ويو آهي!

تعليم جي تباهيءَ جي حوالي سان مٿي بيان ڪيل پوپون بالواسطه ڪارڻ باقي سڀني ڪارڻن جو بنياد آهي. استادن جي غير ذميواري، والدين جي بي توجهي، ماڻهن جي غفلت ۽ اياڻائي ۽ اهڙا جيڪي به پيا سبب ٿي سگهن ٿا انهن جي پنيان محرڪ خدا کان اسان جي شعوري ۽ لاشعوري لاتعلقي ۽ ان جي نتيجي ۾ زندگيءَ لاءِ ڪنهن به ضابطي جو پابند نه هئڻ جي صورتحال آهي ۽ اهو ئي اڄوڪي سنڌ جو سڀ کان وڏو بحران آهي. انهيءَ ڪري اسان جڏهن ايڪويهين صديءَ لاءِ تعليم جي تياري جي ڳالهه ڪريون ٿا ته پوءِ اسان کي پوئين عرصي ۾ پنهنجي سماج جي هن سڀ کان وڏي گهوٽالي جو تدارڪ ڪرڻو پوندو. هيءَ ئي اڪيلي وٿ آهي جنهن سان اسان ويڳاڻپ ۽ بي راهه روي ختم ڪري بي نشان منزل واري سفر جي پڇاڻي ڪري سگهون ٿا. هيءَ ئي وٿ آهي جنهن سان خود اسان تعليمي تباهيءَ جي سڌن سنون ڪارڻن کي منهن ڏيڻ جي لائق بڻجي سگهون ٿا. اسان جي ذهنن کي ڪا ڌاري قوم يا ڪو مرڪز ايستائين غلام بڻائي سگهي ٿو جيستائين اسان پنهنجي ڳچين ۾ غلامين جا اهڙا طوق وجهڻ تي خار نٿا کائون. غلاميءَ تي خار کائڻ جو عمل تڏهن شروع ٿيندو آهي جڏهن ڪنهن وڏي مقصد لاءِ آزاديءَ سان جيئڻ جو احساس پيدا ٿئي.

ايڪويهين صديءَ ۾ تعليم جي حوالي سان جڏهن اسان ڳالهه ڪريون ٿا ته سائنسي تعليم جو سڀ کان اهم موضوع اسان جي سامهون اچي ٿو. ليڪن سائنس جي باري ۾ اسان جي سوچ جو انداز ڇا آهي؟ سائنس خدا جي حڪمت آهي جيڪا انسان کي علم الانسان مالم يَعلم بڻجي عطا ٿي. ليڪن سائنس جي يورپ ۾ ورتل مادي ويس ان حڪمت ۽ عطا کي نتيجن ۾ ڪيڏو ابتو بڻائي ڇڏيو. انسان اوڻويهين صديءَ ۾ به سائنس جي ترقيءَ جا سڀ منظر ڏٺا آهن. ان جا ڀرپور عملي اظهار ٻن عالمگير جنگين جي ذريعي سامهون آيا. ٻنهي جنگين ۾ ڪروڙين انساني جانيون ڪم آيون. تمدني ۽ تهذيبي تباهيءَ جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. ان کانپوءِ ٻنهي جنگين جي نتيجي ۾ ٿيل معاهدن ذريعي انساني سوسائٽيءَ کي جيڪو رڳڙيو ويو سو به ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. سائنسي ترقيءَ جو **50**ع ۽ **60**ع وارن ڏهاڪن ۾ به اوج سامهون آيو. خلا کي تسخير ڪري ڪائنات جي وسعتن ۽ گوناگونين ۾ جهاتيون پائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ليڪن ساڳئي وقت

نئون نو آبادياتي نظام جنهن نموني دنيا جي ڪمزور قومن جي مٿان ڪاريهر نانگ وانگر مسلط رهيو ۽ ان جي نتيجي ۾ انسانيت سان جيڪي ڪيس ٿيا تن جي انگن اکرن ڪٿي ڪرڻ جي به ڪو همت نٿو ساري سگهي.

مادي ترقيءَ جي انتهائي ڪي ڇهڻ جي باوجود انساني مسئلن جي حل ۾ ڇڳاين جي ان ڪوٺ، خود يورپ ڪان دانهن ڪڍرائي ڇڏي آهي. رابرٽ هيچز چواٽي ”دنيا هڪ ئي وقت ٻن مخالف هنڌن تي پهچي وئي آهي. معلومات، ڪاريگري ۽ فطرت جو غلبو جيترو مٿانهين چوٽيءَ تي آهي، اخلاقي ۽ سياسي ڏيواليٽي جي حد اوتري هيٺانهين ڪاهيءَ ۾ آهي.“

ايچ جي ويلز جي راءِ ۾ ”هن دور جي سڀ ڪان وڏي لعنت اها آهي ته طاقت ۽ قوت آهي پر ان جو استعمال صحيح نه آهي. دماغ ته آهي پر ان ڪان ڪم وٺڻ جو ذريعو نه آهي. اهڙو ڪو نصب العين نه آهي جيڪو نوجوانن جي جذبن ۽ حوصلن کي استعمال ۾ آڻي. هڪ طرف ايتري هوند ۽ ٻئي طرف ايتري اٿهوند. اهو اسان جو سڀ ڪان وڏو الميو آهي. تنهن هوندي به شُڪر جو اسان جي اندر ان نصب العين جي ڳولا جو مادو فنا نه ٿيو آهي ۽ ان مان اميد آهي ته شايد اسين نئين دور کي پيدا ڪري سگهون ۽ اخلاقي ۽ مذهبي قدرن جي نه هجڻ سان اسان جي زندگين ۾ جيڪو خال پيدا ٿي ويو آهي، اهو پرجي سگهي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته اسان جي تهذيب پاڻ ۾ ٽڪرائجي پورا پورا ٿي ويندي. جيڪڏهن اسان کي بچڻو آهي ته پنهنجي لاءِ ڪو مذهب تلاش ڪرڻو پوندو، جنهن کي اسين دل سان مڃون ۽ ان جي اصلون تي پنهنجي زندگي هلايون.“

سائنسي تريقيءَ جي نتيجي ۾ انسان کي زندگي گذارڻ جي سهولتن جي حوالي سان جيڪو به فائدو رسيو آهي، انسانذات لاءِ مفيد فڪر سان ان کي اجا به وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي پيو، ۽ جيڪي به نقصان رسيو آهي ان ڪان بچي سگهجي پيو. يورپ جي سنجيده علمي طبقي ۾ پڻ انهيءَ ڳالهه جو نه صرف احساس اپريل آهي بلڪ انتي ڳڻ ڳوت به ٿيندي رهي آهي. انهيءَ مقصد لاءِ هو فڪري طرح مختلف تجربا ڪندا هاٽي انهيءَ نڪتي تي پهچي ربها آهن، جنهن جي نشاندهي هڪ الاهياتي فڪر جي صورت ۾ آئن اسٽائن ۽ ايچ جي ويلز کين ڪري ڏني هئي. ليڪن اسان لاءِ ته انهيءَ ڪان به گهٽو اڳ سنڌ جي صوفياٽي روح ذريعي اهي واٽون نروار ٿيل آهن ۽ بدقسمتيءَ سان اسان انهن تي هلڻ ڇڏي ڏنو آهي.

انهيءَ ڪري اسان ايڪويهين صديءَ ۾ ايڇ جي ويلز چواڻي هڪ طرف ايتري هوند (يعني سائنسي ترقي) ۽ ٻئي طرف ايتري اٿهوند (يعني فڪري غربت) جي تضاد ۽ فاصلي کي ختم ڪري هڪ نئون جهان اڏي وجهون ته اهڙا ڳالهه نه صرف هن خطي جي ماڻهن جي هزارين دردن کي مٽائڻ جو سبب بڻبي بلڪ باقي دنيا جي قومن لاءِ پڻ هڪ مثال بڻجي سگهي ٿي. انهيءَ ڪم جو آغاز اسان سنڌ جا ماڻهو هتان بخوبي ڪري سگهون ٿا. انهيءَ ڪري جو سنڌ ئي اهو واحد خطو آهي جيڪو شاهه عنايت شهيد، مخدوم محمد معين ٺٽوي، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو انسان دوست ۽ همه گير فڪري پسمنظر رکندڙ آهي ۽ اڪثر دنيا جي عام الاهياتي تصورن کان ته ٻي دنيا ڊنل پڻ آهي، ان ڪري سنڌ جي صوفي روايتن سان رچيل اسلام جي حقيقي خدا پرست ـــ انسان دوست فڪر سان انسان ذات جو هي عالمگير الميو سولائيءَ سان ختم ڪري سگهجي ٿو. انڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اسان الاهيات جي صوفياڻي روين ۽ شعور کي سائنسي اندازِ فڪر (Scientific Approach) سان پرکڻ ۽ سمجهڻ جي ابتدا ڪريون.

عام طور تي سائنس مان هڪ خاص موضوع مراد ورتو ويندو آهي. ڪجهه ماڻهن وٽ سائنس جي معنيٰ آهي هڪ شيشي جي نليءَ ۾ رنگدار پاڻياٺ. ڪن وٽ طبيعاتي ليبارٽريءَ جو سامان. ڪن وٽ اصطلاحات جو اهڙو مجموعو جنهن ۾ رياضياتي فارمولا ڦهليل هوندا آهن.

حالانڪه حقيقت هيءَ آهي ته "سائنس مطالعي جي هڪ خاص طريقي" جو نالو آهي جنهن جو اطلاق هر موضوع تي ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري جتي سائنس جي ترقي آهي اتي هينئر ڪو به علم آرٽ نٿو ليکيو وڃي، بلڪه سڀ علم سائنس ڪري پڙهيا وڃن ٿا. انهيءَ صورت ۾ ڇا اان لاءِ انهيءَ ڳالهه جي گنجائش موجود آهي ته اسان الاهيات کي به سائنسي علم جي طور تي پڙهون؟ سماجي سائنس اڄ انسان جي سماجي ڪارج ۽ سندس تخليقي وجود جي مقصد جي حوالي سان اها ڳالهه تسليم ڪري رهي آهي ته انسان جي خالقِ خدا جو وهنوار، خدا جي جوڙيل جوڙ، خدا جا طريقا ۽ خدا جا قانون باقاعده آهن. اها باقاعدگي مڃڻ ۽ ان کي هڪ علم جي حيثيت ۾ مرتب ڪرڻ خود سائنس جي به تقاضا آهي ۽ سائنس اهو ئي انسان کان گهري ٿي. انهيءَ ڪري انهيءَ ڳالهه جي حقيقتن کي عملي شڪل ڏيڻ جي ضرورت آهي ته الاهيات کي سائنسي طريقي تي پڙهيو وڃي. جڏهن اسان الاهيات کي فطرت جي شاهڪار نظام ۽ ڪارفرماين جي تناظر ۾ سائنس طور پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿا وڃون ته پوءِ باقي عمراني ۽ معاشرتي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ اسان جي

آڏو نہ رهندي. انهيءَ ڳالهہ کي آمريڪا ۽ يورپ جا فاضل ليکڪ بہ شدت سان محسوس ڪن ٿا. واشنگٽن يونيورسٽيءَ جي شعبہ عمرانيات جي صدر جارج لنڊبرگ ساڳي ڳالهہ هنن لفظ ۾ بيان ڪئي آهي:

”مان انهيءَ ڳالهہ سان اتفاق ڪريان ٿو تہ اسان جي جديد تعليم ۾ ڪنهن تاليفي تربيت جي کوٽ آهي جيئن الاهيات، جنهن جو انتظام وچين دور ۾ ٿيندو هو.“

اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي هي آهي تہ اسان الاهيات کي هميشہ ملان جو معاملو پئي سمجهيو آهي ۽ ملان وري هميشہ انهيءَ تي پنهنجي ٺيڪيداري ۽ اجارہ داري جتائي آهي. الاهيات اسان جي صوفياڻي سرشتي ۾ ان ٺيڪيداري ۽ اجارہ داريءَ کان آجي هئي، انهيءَ ڪري عام خدا جي خلق تي انهيءَ جا گهرا اثر هئا. مُلن واري اجارہ داريءَ کان پوءِ اسان ان پاسي کان ائين ئي ويڳاڻا ٿي ويا آهيون جيئن سنڌ جي شهرن ۾ ڏارين جي اجارہ داريءَ کانپوءِ اسان انهن شهرن کان بہ بي نياز ٿي ويا آهيون. عجب فطرت آهي اسان جي، جيڪو بہ جنهن تي حق جتائي ٿو اسان چئون ٿا تہ تو کي پرتو. نتيجو انجو هي نڪتو آهي تہ اسان جي زندگيءَ ۾ اللّٰہ ملان جي ور چڙهي ويو ۽ هو وري اللّٰہ جي نالي کي ماڻهن جي استحصال جو ذريعو بنائيندو پيو وتي. ڪن کي ڪافر قرار ڏئي تہ، ڪن کي مخالف فرقي جي آڙ ۾. انسان هونئن تہ جيڪڏهن اللّٰہ جي فرمانبرداري ۽ لحاظ کي خاطر ۾ رکي، اللّٰہ جي مخلوق ۾ ان جي رضا ڳولي تہ مومن آهي ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي ڳالهين کان وانجهو تہ ڪافر آهي. پر ملان وٽ ايمان ۽ ڪفر جا پيمانا ئي بدلجي ويا. اسان جي ساري معتبرائپ وري ڏسو جو لوڪ ڪهاڻين جي مائيءَ وانگر رُسي اُهي هيڏا سارا اختيار ملان جي حوالي ڪري اونڌي منجي ڪري جو ويهي رهيا آهيون تہ اٽڻ جو نالو ئي نٿا وٺون.

دوستو! اوهان پنهنجي فطري ورثي کي ڪٿي ڪٿي ڇڏيندؤ؟! انهيءَ سادگي ۽ اياڻائيءَ جو ڪٿي ڇيهہ بہ ٿيندو يا نہ. اسان جي انهيءَ سادگيءَ جي سزا ايندڙ نسل جنهن نموني ۾ ڀوڳيندا ان جو ڪو اوهان تصور بہ ڪيو آهي. بلڪہ هن وقت جيڪا صورتحال آهي اوهان ان جو مٿاڇرو مشاهدو ڪيو. پوين ٽن چئن ڏهاڪن ۾ اوهان کي ڊاڪٽرن، انجنيئرن، سياستدانن، ڪامورن، وڪيلن، ڪاروبارين وغيرہ جو هڪ وڏو تعداد ميسر ٿيو آهي. اوهان ايمانداريءَ سان ٻڌايو تہ ڪيترا انجنيئر آهن جن بي لوث ٿي سنڌ جي تمدني تعمير ۽ انساني خدمتن جي سهولتن کي سنواري ورتو آهي؟ ڪيترا ڊاڪٽر آهن جيڪي اسان جي ماڻهن جا عيسىٰ ۽ مسيحا بڻيا آهن؟ ڪيترا ڪامورا

آهن جيڪي انسانن جي ڀلائيءَ ۾ پنهنجي آدرشن ۽ ايمان کي تلاش ٿا ڪن؟ ڪيترا سياستدان آهن جن اسان لاءِ خدا جي مخلوق هئڻ جو احساس رکي پنهنجي خود غرضين کي ڇڏي اسان لاءِ جيئڻ ۽ اسان لاءِ مرڻ جي واٽ ورتي هجي؟ سماج جي هڪ هڪ طبقي تي نظر وجهو ۽ انهن کي سنڌي سماج جي ٻي لوٽ اجتماعي ڌارا ۾ ملائڻ جي ڪوشش ڪريو. يقين ڪريو ته خوردبينيءَ به انهيءَ ڪم ۾ اوهان جي مشڪل سان مدد ڪري سگهندي.

اوهان جي سماج جو وڏي ڪان وڏو خدمتگار ويهه هزار رپيا مهيني جي آمدنيءَ تي اڪتفا ڪري پنهنجي سماجي خدمتن کي جاري رکي نٿو سگهي. ڪنهن به غير ملڪي اداري جي لک ڏيڍ مهيني جي پگهار هن ڊوڙ ۾ اسپيڊ بريڪر پيدا ڪري سگهي ٿي. هڪڙو دور هو جو اوهان جا اهڙا ڪردار سينگار لاءِ گهر ۾ آئيني رکڻ جو پوتو نه پائنئين سگهندا هئا. ديوان گدو مل ڏيارام ڪورٽ ۾ وڃڻ وقت پنهنجو پٽڪو دروازي جي چوڪاٺ ۾ لڳل شيشي جي ٽڪرين سان سنواريندو هو. اڄ اوهان جا سڀ طبقا پنهنجي حيثيت (Status) حاصل ڪرڻ ۽ قائم رکڻ جي چڪر ۾ ڪٿي ڪان ڪٿي ڀٽڪيل آهن.

مون هن مجلس ۾ جنهن ڳالهه جي طرف توجه ڇڪرايو آهي ان جو فوري تعلق اسان جي سماج جي علمي طبقن سان آهي، ليڪن اسان علمي طبقن جي حد کي ڪن خاص شخصن تائين محدود نٿا سمجهون. ن ڳالهه جا سڌ وراڪا ڪٿي به ڪري سگهون ٿا ۽ ڪٿان به ان جي موٽ ملي سگهي ٿي. ٻڄا طور تي اسان هتي ويٺل تعليمي نظام ۾ هيڏي ساري مجوزه فڪري ۽ انقلابي تبديليءَ لاءِ ڪي به اپاءَ نٿا ڪٽي سگهون ليڪن اسان ايترو ضرور ڪري سگهون ٿا ته هن مجلس ۾ موجود اسان ماڻهو پنهنجي اولاد کي رائج تعليم سان گڏ اخلاقيات، ماڻهپي ۽ اعليٰ انساني قدرن جي تربيت لازمي طرح ڏيون. انهن جو خدا سان ايترو شعوري تعلق سگهارو ڪيون جو اهي 'مان' ۽ ذات جي خول مان نڪري سماج ۽ انسانيت جي 'ڪل' جو هڪ 'جز' بڻجي پون. سماج جا ڪارآمد فرد ثابت ٿين. پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ضرور ڪري وڃن جو سماج کي ڪجهه ارپي وڃڻ جي اطمينان سان مري سگهن ۽ کين پنهنجي ابدي زندگيءَ ۾ شرمساريءَ جو منهن ڏسڻو نه پوي. اوهان مان جيڪي به هتي موجود آهن يا جيڪي به ٻين تائين چڱائي جي ڳالهه رسائڻ کي پنهنجي زندگيءَ جي آدرشن ۾ سمجهندا آهن، سي هن ڳالهه جو پڪو عزم ڪري اٿو ته اوهان پنهنجي شاگردن ۽ اولاد سان محبت ۽ دوستيءَ وارو رويو اختيار ڪيو ۽ ان دوستاڻي ماحول ۾ انهن سان انسانيت پروري ۽

زندگيءَ جي ازلي حقيقتن ۽ دنيا ۾ خدا ۽ انسان جي رشتي جي ضرورت ۽ تقاضائن تي ڳالهايو، خيالن جي ڏي وٺ ڪريو. پنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو انهن جي اڳيان رکو ۽ انهن جي رهنمائي ڪيو.

بدقسمتيءَ سان اسان جي تعليمي شرح افسوسناڪ حد تائين گهٽ آهي. اسان وٽ ان شرح کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ موجوده وقت جو هڪ وڏو جهاد آهي. جيڪڏهن اسان ان جهاد ۾ پنهنجي سماج جي ٻارڙن کي خداء انسان ۽ زندگيءَ ۽ ڌرتيءَ جو شعور ۽ ساڃهه ڏيڻ ۾ ڪامياب وڃون ٿا ته پوءِ پڪ ڄاڻو اسان پيغمبري عمل ۾ ساٿاري بڻياسون ۽ اسانجي زندگي پڻ سجائي وئي. پيغمبر لاءِ قرآن ۾ اهو ئي ته چيل آهي ته هو:

**يتلو عليهم آياتة ويزڪيهم ويعلمهم الڪتاب والحڪمته**

(*1*) اللهَّ جون آيتون (نشانيون) ورجائي پسائي ٿو.
(*2*) ماڻهن جي سوچ ۽ فڪر جي تربيت ڪري ٿو.
(*3*) اللهَّ جا حڪم ماڻهن تائين رسائي ٿو.
(*4*) انهن کي دنيا جا باقي علم سيکاري ٿو.

جيڪڏهن اسان جي تعليمي نظام جو محور ۽ مرڪز اهي چار ڳالهيون بڻجي پون ته پوءِ اسان جون سڀ سڻايون آهن.

(22 فيبروري 1998ع تي واديلا بلوچ سماجي ڀلائي تنظيم ملير ڪراچي جي پاران ساليانی عيد ڪڏجاڻي جي موقعي تي ڏنل ليڪچر)

# قرآني فڪر لاءِ پرچارڪ ڪوشش جي ضرورت

انسان جي مٿان الله تعاليٰ جا هونئن ته ڪروڙين احسان، اڪرام ۽ ڀلايون آهن، پر انهن سڀني اڪرامن ۾ خود الله تعاليٰ جيڪو سڀ کان وڏو ڪرم، مهرباني ۽ احسان ڄاڻايو آهي اهو انسان کي قلم جي ذريعي علم ڏيڻ آهي. **اقرا و ربڪ الاڪرم الذي علم بالقلم.** قلم جي ذريعي خلقڻهار منڍ کان وٺي انسان جي لاءِ ڪتابن ۽ صحيفن جي صورت ۾ هدايت جا سرچشما کولي ڇڏيا. قرآن مجيد آسماني هدايت جو آخري مڪمل سرچشمو انسانن کي مليو جنهن کي دنيا جي سڀني قومن تائين پهچائڻ جو منصب مسلمانن کي سونپيو ويو. **ڪنتم خير امت اخرجت للناس تامرون باالمعروف و تنهون عني المنڪر و تومنون بالله.** توهان ڀلي ۾ ڀلي امت آهيو، ماڻهن کي نيڪين جي طرف وٺي اچڻ ۽ مداين کان روڪڻ جو منصب اوهان جي حوالي آهي جنهن سان اوهان جو الله تي ايمان مڪمل ٿئي ٿو.

اسلام جي ابتدائي دور ۾ مسلمانن انهيءَ منصب کي بخوبي نڀايو. پاڻ سڳورن ۽ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ انسان ذات کي اسلام جي سلامتي ۽ چڱاين جي پروگرام طرف وٺي اچڻ لاءِ صحابه ڪرام ڏورانهين ملڪن تائين پهتا. وچين دور ۾ جڏهن اسلام جو اجتماعي سياسي نظام ڊانوان ڊول ٿي چڪو ته مسلمانن جي اندر فرقي بازين جو عروج ٿيو ۽ پوءِ اڪثر علماءَ جو وقت تعليم ۽ پرچار جي انهن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ صَرف ٿيڻ لڳو ۽ امت جي بين ماڻهن لاءِ به ساڳيون ڳالهيون ڪر ڪٽنديون رهيون. نتيجي ۾ اسلام جي انساني ڀلاين واري ان فڪر جي پرچار جو دعوتي ڪم هر دور جي نئين شان، نئين علمي ترقي، نئين استدلال ۽ نين تقاضائن مطابق سرگرم رهي نه سگهيو. دين جيڪو ليظهره علي الدين ڪله جي دعويٰ ۽ منصب سان سموري انسانذات کي پنهنجي آغوش ۾ وٺڻ لاءِ عطا ٿيو هو، ان جي بحيثيت نظريه زندگي، فڪري سرچشمي ۽ مڪمل عملي نظام جي پرچار جو نه رهي يا ثانوي حيثيت اختيار ڪري وئي ته ان وقت مسلمانن جو دين جي حوالي سان مجموعي ڪردار دفاعي يا معذرت خواهانه رهجي ويو. دين جي ان همه گير، انقلابي، اقدامي ۽ قابلِ فخر اسپرٽ (Spirit) جو تعلق انهيءَ ڳالهه سان هو ته مسلمان، الله جي بندن، سپاهين ۽ دوستن جي حيثيت ۾ ان نسبت کي

پنهنجو سرمايہ افتخار سمجهندي سڄي عالم کي ان نسبت کان واقف ڪرائڻ ۽ ان نسبت کي پختو ڪرائيڻ پر وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ وچين دور ۽ مسلمانن جي بعد جي عمل سان هڪ محدود حلقي ۾ بہ ان مقصد جي ڪماحقہٗ تڪميل نہ ٿي سگهي. پوئين دور ۾ ننڍي کنڊ ۾ حضرت شاهہ ولي اللهؒ جي سلسلي ۽ ان جي تيار ڪيل جماعت شيخ الهند جتي اسلام جي نشاة ثانيہ جي لاءِ علمي ۽ دعوتي سگهاريون سرگرميون سرانجام ڏنيون اتي جهاد ۽ انقلاب جي ذريعي پڻ ڌارئي ظلم ۽ تسلط کي ختم ڪرڻ جون نهايت حيرت انگيز ڪوششون سامهون آيون. پر پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ٻين طبقن وانگر ديني طبقن ۾ بہ جڳاڙي ڪلچر جو فروغ ٿيو، جنهن ڪري جهاد ۽ انقلاب جو اهو انسان دوست اسپرٽ تہ موڪلائي ويو پر دعوت جو ڪم بہ وسيع انساني بنيادن تي ٿيڻ بجاءِ گروهي حلقن تائين محدود ٿي ويو.

هن وقت سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي اندر علمي طرح ڪروٽ بدلجي رهي آهي ۽ انفرادي طور تي يا ننڍين اجتماعي اڪاين ۾ هر جاءِ تي ان انداز جي سوچ لوچ ۽ فڪرمندي ٿي رهي آهي. ليڪن جيئن تہ هر جاءِ تي مذهبي پيشہ وريت جو غلبو آهي، تنهن ڪري موثر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ انهن انفرادي يا بنيادي پيماني ڪوشش کي اجتماعيت سان موثر نموني اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي.

موجوده دور مسلمانن جي لاءِ وري هڪ موقعو ڪٺي آيو آهي تہ ابلاغ جي ذريعن جي فراوانيءَ سان اهي توحيد جي فڪر کي انساني عامہ تائين پهچائي ”خير امت“ جي منصب کي نڀائي وٺن. سائنسي علمن جي ترقيءَ شرڪ جي نحوستن کي نظري طور تي گهڻو ڪري پاڻ ئي ڌوئي ڇڏيو آهي، ضرورت صرف هن ڳالهہ جي آهي تہ مسلمان قدرت جي طرف عطا ٿيل هن موقعي جو ڀرپور فائدو وٺن ۽ پنهنجي خدا پرست ۽ انسان دوست سڌارڪ ۽ پرچارڪ ايماني منصب کي مستعديءَ سان سنڀالي وٺن.

اسان جي سنڌ جي صورتحال تہ هن ڏس ۾ بيحد ڏکائيندڙ آهي. سنڌ جي واهڻ واهڻ، وستي وستي ۽ شهر شهر ۾ ديني مدرسا ۽ مسجدون آهن ليڪن اتي قرآني فڪر جي پرچارڪ مقصدن جي لاءِ ڪا بہ تنظيم ڪاري موجود ڪونهي. سالن کان وٺي هڪڙي ئي پَدَ تي ٻارڙن کي روايتي طرح قاعدو پڙهائڻ، ٿورو اڳتي هلي بنا سمجهائڻ جي انهن لاءِ ناظران تعليم کي ڪافي سمجهڻ جو سلسلو هلندو ٿو اچي. سماج جي ٻين پڙهيل ڪڙهيل طبقن، جن جو ننڍي هوندي مسجد يا مدرسي سان ڳهاٽو رشتو ڳنڍجي نہ سگهيو سي قرآن جي تعليم ۽ فڪر جي سمجهہ کان مورڳون وانجها رهجي ٿا

وجن. بعد ۾ اهڙو ڪو به طريقو ۽ ڪوشش سامهون نٿي اچي جنهن سان انهن جي وري سنڀال ٿئي ۽ خود انهن کي قرآني فڪر جي پرچارڪ مقصدن ۾ شامل ڪجي.

انهيءَ ڏکائيندڙ صورتحال جو هڪ وڏو ڪارڻ هي آهي ته قرآن جي تعليمات تي مبني خدا ۽ بندي جي لاڳاپن، انساني ڀلاين جي سماجي ۽ معاشرتي قدرن، انساني زندگيءَ جي فطري پهلوئن ۽ تقاضائن جي تڪميل لاءِ لٽريچر جي سنڌي ٻوليءَ ۾ شديد قلت آهي. اهڙي طرح خدا ۽ بندي جي وچ ۾ تعلق ۽ نسبت، ان جي تقاضائن، قرآني فڪر جي انساني، سماجي ۽ اخلاقي آدرشن ۽ اصولن جي جديد علمن جي روشنيءَ ۾ اپٽار، انسان جي موجوده نفساني پريشان حالتن ۾ ويڳاڻپ جي خاتمي لاءِ قرآني فڪر جو اهڙو استدلال جيڪو اخلاقيات، نفسيات ۽ عمرانيات جي مسئلن جو چٽو حل پيش ڪري سگهي ۽ معاشري جي تبديليءَ جا سائنسي بنياد فراهم ڪري، اهڙو لٽريچر سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ شايع ٿيو آهي.

عربي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ ڪي قدر انهن موضوعن تي اسڪالرن ۽ عالمن جا ڪتاب موجود آهن جيڪڏهن سنڌ جا عالم انهن ٿيل ڪوششن ذريعي اهڙي قسم جي سلسلي سان پنهنجي ڪڙي ملائين ته جيڪر سنڌ جي اندر قرآني فڪر جي اها بهار وري موٽي اچي جنهن جي سڳند هير پارڻ سڳورن صلعم کان به هي لفظ چورايا هئا ته ياتيني ريح طيب من السند.

ويجهڙائيءَ جي عرصي ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ ڪجهه ادارن ان سلسلي ۾ ڪنهن حد تائين پيشرفت ڪئي آهي، ليڪن ان جي ثمرات کان سوسائٽيءَ کي وڏي پيماني تي بهره ور ڪرڻ لاءِ فردن ۽ تنظيمن کي وڏي مشنري جذبي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پرچارڪ مقصدن جي لاءِ سنڌ فورم پرچارڪ سلسلي جي ڪتابن جون هڪ سئو ڪاپيون گهرائڻ تي **500/=** رپين ۾ وي پي ڪيون وينديون. هنن ڪتابن ڪي جيئن جو تيئن ڇپائڻ جي عام اجازت آهي.

سنڌ فورم

پوسٽ باڪس نمبر **7363**
ڪراچي **74400**

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net